ايوانِ مسڪين

منظوم ترجمو

ديوانِ مسڪين

صاحب ديوان

قدوة العارفين سيدنا و مرشدنا

حضرت پير سائين سيد حزب الله شاھ راشدي "مسڪين" تخت ڌڻي

ٽيون پاڳارو رحمة الله تعالیٰ عليه

شرفياب منظوم ترجمہ

فقير محمد علي مهر "درويش"

ڇپائيندڙ

فقير احمد علي مهر

"درويش" لائبريري، درگاھ شريف، پير جو ڳوٺ (ڪنگري)
ضلعو خيرپور ميرس، سنڌ.

صاحب دیوان



سیدنا و مرشدنا امامِ انقلاب

حضرت پیر سائین سید

صبغت اللہ شاہ ثاني "پگ ڈٹي"

سورهیہ شهید چهون پاگارو رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ

سیدنا و مرشدنا مُحسنِ ملّت

اعلیٰ حضرت پیر سائین سید

شاہِ مردان شاہ ثاني "چیت ڈٹي"

ستون پاگارو رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ



سیدنا و مرشدنا حضرت قبلہ

پیر سائین سید محمد صبغت اللہ شاہ ثالث "انصاف ڈٹي"

موجودہ سجادہ نشین درگاہ عالیہ راشدیہ شریف، اٹون پاگارو دامت برکاتهم العالیہ

ايوانِ مسڪين

منظوم ترجمو

ديوانِ مسڪين

صاحب ديوان

قدوة العارفين سيدنا و مرشدنا

حضرت پير سائين سيد حزب الله شاهه راشدي "مسڪين" تخت ڏڻي
ٽيون پاڳارو رحمة الله عليه

شرفياب منظوم ترجمه

فقير محمد علي مهر "درويش"

ڇپائيندڙ

فقير احمد علي مهر

"درويش" لائبريري، درگاهه شريف پير جو ڳوٺ (ڪنگري)
ضلعو خيرپور ميرس، سنڌ

عرض حال

محبت انڌي آ، يار کان سواءِ ٻئي ڪي سهڻو ڏسڻ کان، محبت ٻوڙي آ، يار جي تعريف ۽ توصيف کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻڌڻ کان ۽ محبت گونگي آ، يار کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي تعريف ۽ توصيف ڪرڻ کان. اهڙي محبت جي سُتي ازل کان اسان مسڪينن کي نصيب ٿي، جو آقاءِ نامدار صاحبِ لولاڪ حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت مبارڪ ۾ شامل ڪرڻ کان پوءِ الله ڪريم اسان کي صاحبِ جمال و ڪمال حضرت مرشد معظم واقف اسرار ڪلي و جزي سيدنا و مولانا محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره جي پاڪ جماعت ۾ شامل ڪيو. بيحد شڪرانا رب عظيم جا ۽ بي انتها صلواتون ۽ سلام حضور پرنور آقا و مولا عربي ڄام تي ۽ سندن آل اطهار ۽ سندن وفا شُعار تابعدار اصحابن سڳورن تي.

ان محبت سبب مرشدن ڪريمن جي ٻين تحفن سان گڏ ’ديوان مسڪين‘ پڻ هن عاجز فقير جي ترجيحي مطالعي ۾ رهيو. راڳ ۽ شاعري سان لڳاءُ هجڻ سبب ديوان مسڪين جي ترجمي شريف کي شاعريءَ جو روپ ڏيڻ تي ڌيان ڏنم تہ ڪافي ڪجهہ غزل ٺهي پيا. اهي اچي مون جناب مولوي محمد موروجو سڪندري صاحب انچارج لائبريري درگاهہ شريف ۽ مولوي اياز چنہ سڪندري صاحب لائبريرين کي ڏيکاريا. تن صاحبن انهيءَ ڪاوش کي بيحد پسند فرمايو ۽ فرمايائون تہ اوهان سڄو ديوان مسڪين نظم ۾ لکو تہ اسان ان جي ڪاپي يادگار طور اوهان جي نالي سان لائبريري درگاهہ شريف ۾ محفوظ بنائينداسون. انهيءَ شوق ۾ هن فقير وڌيڪ دلچسپي سان ديوان مسڪين کي نظم ۾ ٺاهڻ جي ڪوشش ورتي.

الحمدلله ثم الحمدلله، منهنجي محبت ۽ عشق واري ڪوشش ڪامياب ٿي، سواءِ چند شعرن جي سمورو فارسي ديوان مسڪين سنڌي نظم ۾ منتقل ٿي ويو. منهنجي خوشي سان گڏ سڄي سنگت کي خوشي ٿي، منهنجي گوشه جگر نورچشم فقير احمد علي مهر اهو عهد ڪيو ته هاڻ اهو ڪتاب شايع ڪندس. سنگت جو به اهو رايو ٿي پيو ۽ محبوبن طرفان به باطني مدد شامل ٿي. تان جو ان جي شايع ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ويو.

اسان فقير ماڻهو علمي ادبي ۽ اشاعتي گهرجن ۽ گهراين کان آزاد، نه مولوين تي اعتبار نه علم جي ٺيڪيدارن سان ٺاهه. اسان چرين ديوانن جي دنيا ئي پنهنجي. نيٺ هڪ پاڻ جهڙي ديواني کي وڃي حيدرآباد ۾ هٿ ڪيوسون ۽ سڄو بار وڃي ان تي سٽيوسون.

فقير فيض محمد سڪندري پٽافي مصروفيتن جي باوجود هن ڪم کي محبوبن جي ڊيوٽي سمجهي اهميت ڏني ۽ ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ ۽ اشاعت تائين سموري ڪم کي پنهنجي حال سارو اڪيلي سر پاڻ نڀايو. باري تعاليٰ کيس خوش آباد سلامت رکي.

آءُ انهن سڀني دوستن جو شڪرگذار آهيان، جن هن ديواني جي ديوانگي سان متفق ٿي هن ديوان متعلق منهنجو حوصلو وڌايو، نيڪ مشورا ڏنا، ۽ ڪتاب شايع ٿيڻ تائين منهنجي نورچشم احمد علي فقير مهر جو ساٿ ڏنو.

ڪميون ڪوتاهيون تجربيڪار ڏاهن کان به ٿي وينديون آه اسان ته آهيون ئي سراپا ڏوهه، سو اگر ڪنهن مدبر ۽ مفڪر کي هن ڪاوش ۾ اسان جي اصلاح لاءِ ڪا غلطي نظر اچي ته ضرور آگاهه ڪري

فقير محمد علي مهر ”درويش“

0333.3191916 ,0300.3191916
0300.4191916

تقريظ

حَامِداً وَّمُصَلِّياً

فقير محمد علي مهر "درويش" ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، فقير صاحب جو درگاهه عاليه راشديه پيران پاڳارا سان مريدي ۽ اعتقاد جو لاڳاپو پنهنجي ابن ڏاڏن کان گهڻو پُراڻو آهي، حر جماعت جي گمهه چونڪي سان تعلق رکندڙ هي فقير پيشي جي لحاظ سان رٽائرڊ استاد آهي. ليڪن روحاني بلندي ۽ مرشدن سان محبت ۾ لڳاءُ جو اهو ڪمال کين حاصل آهي، جو ديوان مسڪين فارسي/ سنڌي جو سڄو سارو مواد سنڌي نظم ۾ ڪري ڇڏيائين.

هن مسڪين کي هن ڪم جي اشاعت وغيره جي چوندڙ ۾ به هن فقير جو عشق ۽ وڏپڻو ظاهر ٿئي ٿو. مرشدن ڪريمن جي دعائن ۽ سندن باطني نظر سان ڪيترين مصروفيتن ۽ ڪم علم هجڻ جي باوجود هي خدمت ڪندي منهنجي باطني رهنمائي ۽ ڀرپور مدد ٿي.

فقير صاحب ۽ سندس لائق فرزند محترمي احمد علي مهر صاحب سان گڏ منهنجي به خوش نصيبي آهي، جو هي تحفو گهڻن مرحلن مان گذري، اوهان محبت وارن جي هٿن ۾ پهتو آهي. اميد ته فقير صاحب جو هي پورهيو محبوبن مرشدن ڪريمن جي حضور ۾ قبوليت جو شرف ماڻيندو.

آمين يا رب العالمين.

فقير فيض محمد سڪندري پتافي
حيدرآباد، سنڌ
0300-3039294

رجب شريف ١٤٣٩ھ

ٻه اکر

محبت رکي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائيو.
(شاه لطيف)

محبت ۽ محنت ٻه ملندڙ جلندڙ لفظ آهن، محبت ۾ 'ب' جنهن مان بسم الله. جنهن سان هر ڳالهه جي شروعات ٿئي ٿي ۽ محنت ۾ 'ن' جنهن جو مطلب مان چوندس اک ۾ ڪاري ماڻڪي، جنهن جو مطلب 'ن' جو نقطو، چوڻ جو مطلب ته جيڪڏهن اهو نقطو (ماڻڪي) نه هجي ته ڪا شيءِ ڏسي به نه سگهجي.

چو ته محبت ئي محنت ڪرائيندي آهي ۽ محنت ئي منزل ماڻيندي آهي ۽ منزل ئي محبوب جي زيارت ڪرائيندي آهي.

هي سٽون مان پنهنجي پياري محسن، شفيق ۽ هردلعزيز سائين فقير فيض محمد سڪندري پتافي (ڪاتب) لاءِ لکان ٿو جنهن ڏينهن رات محبت ۽ محنت سان منهنجي بابا سائين فقير محمد علي مهر "درويش" جي عشق جي اکرن کي سهيڙي اسان لاءِ تحفو تيار ڪيو. ان سان گڏ جاکوڙي فقير محمد احسن ڪنڀر، پنوعاقل ضلعو سکر واري جا به ٿورائتا آهيون، جنهن هن پريت ڀرئي پيغام ۾ ساٿ ڏنو پر "اجا ڪي آهين محبتي هن ميڙ ۾" جو مصداق، ڪتابن جو شوق رکندڙ فقير شاهنواز نظاماڻي سانگهڙ واري جا به اڻ ڳڻيا احسان، جيڪو هن شوق ۾ اسان سان شريڪ رهيو.

فقير احمد علي مهر

مقدمو

(هي مقدمو محترم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
جي مقدمي جو مختصر اضافي سان اختصار آهي.)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي سَيِّد
الۡاَنۡبِيآءِ وَالۡمُرۡسَلِيۡنَ وَعَلٰي اٰلِهٖ وَاَزۡوَاجِهٖ وَاَصۡحٰبِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ.

اما بعد:

عاشقن جا سرواڻ، طريقت ۽ شريعت جا پيشوا، سخي سردار فنا في الرسول حضرت پير سائين سيد حزب الله شاهه 'مسڪين' المعروف تخت ڌڻي بادشاهه قدس سره "ٽيون پاڳارو". 18 ـ شوال المعظم 1258ع هجري ڇنڇر جي ڏينهن تولد ٿيا. پاڻ پنهنجي والد گرامي حضرت پير سائين سيد علي گوهر شاهه "اصغر" عرف بنگلي ڌڻي رحمة الله عليه جن جا اڪيلا فرزند دلبند هئا. پر پاڻ هڪ ئي لکن جا ٿي ساماڻا. پاڻ اڃان پنجن سالن جا مس ٿيا ته سندن والد محترم وصال فرمائي ڪين يتيميءَ جو داغ ڏنو. پر يتيمي سندن لاءِ هڪ الاهي نعمت بڻي، جنهن ڪين اعليٰ علمي فضيلت ۽ لياقت، حوصلي ۽ همت، خود اعتمادي ۽ خودداري جي خوبين سان گڏ عبادت ۽ زُهد، عرفان ۽ ڪرامتن جهڙين خوبين سان سينگاريو. سندن اعليٰ ڪارنامن ۽ ڪاميابين جو راز سندن رُشد، هدايت، توڪل، قناعت، سُخنداني، سخاوت ۽ شجاعت جهڙيون اعليٰ خصلتون ۽ عمده اخلاق هئا، جن سان ڪين الله تعاليٰ سينگاريو هو.

شروعاتي تعليم ۽ تربيت چوٿين سال جي شروعات کان ئي عارف بِالله پنهنجي والد سڳوري کان ٿي. سندن عمر اڃان چار سال ست مهينا مس ٿي ته سندن والد گرامي وصال فرمايو ۽ پنهنجي والد جي جاءِ

تي پاڻ ٽيون نمبر پاڳارا پڳدار ٿيا. ان وقت سندن محبت رکندڙ قابل چاچا ۽ خليفي نبي بخش لغاري جهڙا صاحب ولايت خليفا موجود هُئا، جن سندن تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو ۽ ڪين بهترين استادن وٽان تعليم ڏياريائون. پاڻ فارسي زبان ۾ اعليٰ درجي جي صلاحيت حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ لڳاتار مطالعي ۽ وقت جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان صحبت سندن علمي ذوق کين انهي درجي تي پهچايو جو پاڻ پنهنجي وقت جا فارسي زبان ۾ اعليٰ پايي جا اديب ۽ شاعر مشهور ٿيا.

پاڻ لڳاتار پنجيتاليهه سال مسند نشين رهي، حر جماعت جي روحاني تربيت سان درگاهه جي تعمير ۽ ترقي ڪيائون.

پاڻ پنهنجي وڏڙن بزرگن جي مزارن مٿان شاندار روضي ۽ ان سان متصل جامع مسجد جي تعمير ڪرايائون. ان سان گڏ شاندار بنگلو ۽ حويلي ۽ صاحبزادن لاءِ الڳ جايون جوڙايائون.

پاڻ جڏهن مسجد شريف جوڙايائون ته گهڻو ڪري پاڻ بذات خود اچي نماز پڙهائيندا هُئا ۽ جماعت سڳوري کي ذڪر ۽ فڪر ڪرائي، اهڙي توجه سان تلقين فرمائيندا هئا جو جماعت جي دلين تي سندن صورت چٽجي ويندي هئي ۽ جماعت الاهي عشق جي نشي ۾ سرشار رهندي هئي. پاڻ جماعت کي دينِ محمدي، شرعي احڪامات جي پابندي، توحيد ۽ توڪل تي ڪاربند رهڻ ۽ دين جي خدمت ڪرڻ جو پابند بنايائون. سندن سهڻي صورت ۽ جاه و جلال ايتريقدر هو جو جڏهن پاڻ بنگلي واري آغاسي (دري) منجهان جماعت سڳوري کي ديدار (زيارت) ڪرائيندا هئا ته ڪيترائي ديوانا فقير بيهوش ٿي ڪري پوندا هُئا. سندن فيض ۽ هدايت جي اهڙي الاهي اثر ۽ سندن ديدار جي لذت هزارين نون ارادتمندن کي مريد بنائي جماعت جي حلقي ۾ داخل ڪيو.

پاڻ جماعت جي پوئواري، تلقين ۽ سڌاري لاءِ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر سفر ڪيائون ۽ هرهنڌ پنهنجي روحاني فيض سان بي شمار مريد بنايائون ۽ جماعت کي وڌايائون. سنڌ ۾ نارو چونڪي سندن سفر

جي برڪت سان مريد ٿي، جيسلمير جو وڏو حصو سندن سفر فيض اثر سان جماعت ۾ داخل ٿيو. جڏهن پاڻ جيسلمير ۾ منزل ڪيائون تہ اتي پاڻيءَ جي ڪوٺ هئي ۽ شهر جي گري سَر تلاءُ ۾ بہ پاڻي تمام ٿورو هو. پاڻ سڳورن سان جماعت تمام گهڻي هئي، ان ڪري جيسلمير جي راجا جي داروغن تلاءُ مان پاڻي ڀرڻ جي بندش وڌي. پاڻ نماز پڙهي الاهي درگاهہ مان رحمت جي برسات لاءِ ٻاڏائي دُعا گهريائون. تڏهن انهيءَ ڏينهن وڏو مينهن پيو جو تلاءُ پاڻي سان ڀرجي ويو. هن اڻ مدائتي مينهن جي ڪرامت ڏسي جيسلمير جو 'بيري سال' راجا خدمت مبارڪ پيش ٿي هميشہ لاءِ عقيدتمند ٿي ويو.

اهڙي طرح پاڻ بمبئي جو سفر ڪيائون ۽ ان سان گڏ ڪاٺياواڙ ۽ گُجرات تائين پهتا. جتي سندن روحاني فيض ۽ توجہ ۽ خليفي نبي بخش لغاري رحہ جي تبليغ سان مريدن (جماعت) ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو.

جماعت جي گهڻي واڌاري سبب ان جي سار سنڀال ۽ پوئيواري خاطر پاڻ ٻارهن چؤڪين جي صورت ۾ ان جي تنظيم سازي ڪيائون. پاڻ ڪريمن جي حڪم سان جامع مسجد جي خطيب ۽ پيش امام مولوي عبدالقادر 'عبدي' سولنگي رحہ چؤڪين جي ٺاهڻ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي ۽ پوري جماعت کي علائقي جي حساب سان ضلعي ۽ تعلقي سطح تي ونڊي چؤڪين جا نالا مقرر ڪيا، جيڪي ان دور جي حساب سان هن ريت آهن:

1. چؤڪي ڳاهڪي.
2. چؤڪي ڪاوڙ (ڪاهڙ).
3. چؤڪي ڪلياڻ (ٽڙ ڳلان).
4. چؤڪي شهدادپور.
5. چؤڪي ڪتو (خطو).
6. چؤڪي لاڙ.
7. چؤڪي ڳمهہ.

8. چؤڪي جيسلمير.
9. چؤڪي اڇڙو ٽر.
10. چؤڪي پار.
11. چؤڪي نارو.
12. چؤڪي بان.

انهن چؤڪين جا مک (خليفا) پڻ مقرر ڪيا ويا ۽ اڳتي هلي هر چؤڪي کي درگاهہ شريف جي خدمت لاءِ ٻارهن مهينن مان هڪ هڪ مهينو مقرر ڪري ڏنو ويو.

ان کان سواءِ پير سائين جن جي ننڍي عمر ۽ اندروني ۽ بيروني حالات کي مدنظر رکندي خليفي غلام نبي لغاري (خليفي نبي بخش لغاري جي پوٽي)، حضرت پير سائين جن جي حفاظت لاءِ جماعت ۾ فرق جماعت جو بنياد وڌو جنهن جو خاص مقصد ۽ بنياد هڪ الله، هڪ رسول ۽ هڪ مرشد. يعني مرشد کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي غرض نہ ڪرڻ ۽ مرشد ۽ سندن درگاهہ ۽ جماعت تان سِر جان مال سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ هو. پوءِ جماعت ۾ ٻن حصن ”فرق ۽ سالم“ جو حساب رکيو ويو ۽ اها ان وقت جي ضرورت هئي ۽ فَرقِي ٽولو جهڙو پير سائين جن جو اڄوڪي دور جي حساب سان اسپيشل سيڪيورٽي فورس هو جنهن اڳتي هلي هڪ الڳ چؤڪي جي شڪل اختيار ڪئي. [انهن چؤڪين، خليفن ۽ دعوتن جي سلسلي حضرت پير سائين سردار ڇٽ ڌڻي بادشاهہ جي ڏکي دور مبارڪ ۾ عروج حاصل ڪيو ۽ حر جماعت لکن کان وڌي ڪروڙن ۾ ٿي. فرق جماعت بہ پنهنجي پر ۾ وڌي ترقي ڪئي. جيتوڻيڪ موجوده سجاده نشين پاڳاري پڳدار شهنشاهِ عالي وقار حضرت سيدنا محمد صبغة الله شاهہ ثالث دامت برڪاتهم العاليہ فرق ۽ سالم جو سَنڌو گهٽي پاڙي ختم ڪري ڇڏيو آهي.]

پاڻ سنڌ توڙي هند ۾ جتي بہ ويا تہ اتي پنهنجي مريدن ۽ ميزبانن توڙي اميرن خاندانن کي پنهنجي پُروقار، پياري شخصيت ۽ پنهنجي

سخا ۽ مروت سان متاثر ٿي ڪيائون. شاعر مولانا بهاء الدين 'بَهائي' پٽافي سنڌ توڙي هند ۾ سندن فيض ۽ ڪرم جو ذڪر ڪيو آهي ته:

ز ملک سند چه گويم که تا ممالک هند،
اسيرِ دامِ کر مهائي اوست پير و جوان.

(سنڌ جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان، وينديهندوستان جي ملڪن تائين سڀ سندن سخا ۽ ڪرم جا گرويده آهن).

پاڻ وڏا شهسوار هئا ۽ پنهنجي سَمَند تي سوار ٿيندا هئا، پر مَهرِي تي به شوق سان سواري ڪندا هئا.

درگاهه شريف تي هوندا هئا ته مسجد شريف ۽ روضي جي حاضري، حويلين جي نگراني ۽ سندن صاحبزادن جي تربيت، جماعت لاءِ زيارت ۽ هدايت، معزز مهمانن سان ملاقات، سائلن جي سنڀال، عالمن سان صحبت، شاعرن سان محفل، ڪتابن جو ذوق، هنر ۽ فن جو شوق سندن مشغلن ۾ شامل هوندا هئا. پر اهي سڀ مشغلا سندن اعليٰ انتظامي لياقت جي ڪري وقت جي پابندي سان روزمره جي عملي انتظام ۾ پوتل هئا. پاڻ پنهنجي اعليٰ ذهانت ۽ حُسن تدبر جي ڪري اعليٰ درجي جا منتظم هئا ۽ سندن نظر هيٺ درگاهه توڙي جماعت جو نظام ۽ انتظام اعليٰ معيار تي بيٺل هو. جمعي جي ڏينهن پنهنجن سڀني صاحبزادن سميت نماز لاءِ ايندا هئا ۽ پاڻ امام ٿي نماز پڙهائيندا هئا.

پير سائين جن کي چئن حرمن مان اٺ صاحبزادا ٿيا، جيڪي جڏهن وڏيرڙا ٿيا ته کين تعليم ڏياريائون ۽ پنهنجي نظر هيٺ سندن تربيت ڪيائون. ٻه صاحبزادا سائين سيد علي گوهر شاهه (حضرت پير سائين محفي ڏٽي) ۽ سائين سيد شاه مردان شاهه اول (حضرت پير سائين ڪوٽ ڏٽي) کانئن پوءِ مسند نشين ٿيا. ميان سيد علي اصغر شاهه وڏو خوشنويس ۽ فارسي توڙي سنڌي جو شاعر ٿيو.

هنر ۽ فن، صنعت ۽ ڪاريگري جو کين وڏو ذوق هو. عمارت سازي، نقش نگاري، ڪاشيگري ۽ خطاطي ۽ خوشنويسي سان کين خاص شغف هو.

پاڻ جماعت جي راڳ کي گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ جماعت جو راڳ سندن دور ۾ وڏي اوج کي پهتو. هڪ روايت موجب ٻيا راڳي بہ وٽن محفل لاءِ موجود هوندا هئا.

پاڻ پنهنجي فراغت وارو وقت عملي فني مهارت يا اڪثر ڪتابن جي مطالعي ۾ صرف ڪندا هئا. قلمي ڪتابن خصوصاً مُصَور قلمي ڪتابن سان سندن وڏو ذوق هو. گهڻا ناياب قلمي ڪتاب خريد ڪيائون ۽ پنهنجن وڏن کان مليل موروثي ڪتب خاني کي وڌيڪ وسيع ڪيائون. پاڻ هزارين روپيا ڏيئي نادر ڪتاب وٺندا هئا. ايران ۽ مصر کان ماڻهو وٽن خاص طرح ڪتاب کڻي ايندا هئا. سندن ڏينهن ۾ ڪتب خانو بالڪل اوج تي پهچي ويو.

پاڻ عالمن فاضلن جي وڏي قدرداني ڪندا هئا. بلڪ دلي طور سندن عزت ڪندا هئا. عيدن ۽ ٻين موقعن تي چونڊ عالمن کي سڏيندا هئا ۽ سندن دعوت ڪندا هئا. علم جي عزت ۽ اعليٰ شان رکڻ خاطر ماني وقت هٿن ڌئارڻ جي شروعات پهريائين پاڻ ڪندا هئا.

پاڻ فارسي ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ ان بعد پاڻ پنهنجي ذوق سان فارسي ادب ۽ شاعري جو مسلسل مطالعو ڪندا رهيا. سندن موزون طبع ۽ اعليٰ شاعرانہ شعور ذريعي خود کين فارسي شاعري ۾ درڪ ۽ دسترس پيدا ٿي سندن موزون طبع غزل ڏانهن مائل ٿي ۽ انهيءَ ڪري پاڻ حافظ شيرازي ڏانهن متوجہ ٿيا. ڪانئن اڳ سندن والد ۽ وڏن جو رُخ مولانا روميءَ رحہ جي مثنوي طرف هو. حافظ جو مٿن وڏو اثر هو مگر ’ديوانِ حافظ‘ کان ٻاهر ٻين شاعرن، خصوصاً صوفي مسلَڪ وارن جي ڪلام پڻ کين متاثر ڪيو.

پاڻ پنهنجي دور جي فارسي شاعرن جا سرواڻ بنيا، ۽ چونڊ چونڊ شاعر سندن دعوتن تي توڙي پاڻمرادو ڪانئن داد وٺڻ ۽ انعام اڪرام حاصل ڪرڻ لاءِ اچي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا.

پاڻ وڏا سخن فهم ۽ سخن سنج هئا. ۽ ان سان گڏ سندن طبع سراسر سخاوت ڏي مائل هئي. انهيءَ ڪري سهڻي شعر جو دل کولي داد ڏيندا هئا ۽ شاعر کي انعامن اڪرامن سان مالامال ڪري ڇڏيندا هئا. هي 'ديوان مسڪين' سندن اعليٰ ذوق ۽ شاعريءَ جو شاهڪار آهي.

مولوي بهاء الدين 'بهائي' پتافي جيڪو ان وقت جي وڏن شاعرن مان هو تنهن کي حضرت پير صاحب جن انعامن اڪرامن سان مالامال ڪري ڇڏيو.

هڪ ڀيري ڪيس ڏهه هزار رپيا ڏنائون جو بهائي، پنهنجي شعر ۾ پنهنجي خستہ حالي ۽ غمگيني جو اظهار ڪيو هو. ٻئي ڀيري مولانا بهاء الدين پنهنجو هڪ نئون غزل اچي سندن آڏو پيش ڪيو ۽ پاڻ ايترو تہ خوش ٿيا جو پنهنجو هاٿي ڪيس انعام طور ڏيڻ جو حڪم ڪيائون. مولانا عرض ڪيو تہ: قبلا! هاٿي جي خرچ برداشت ڪرڻ جي بنده ۾ طاقت ڪانهي. پاڻ فرمايائون تہ: اسين ڏيئي ڇڪا آهيون ۽ هاٿي اوهان جو آهي، پوءِ پاڻ پليبان ۽ هيو سنڀال جو خرچ بہ ڏنائون. اهو هاٿي مولانا پوءِ وڃي بهاولپور جي نواب کي ڏنو ۽ عيوض ۾ ڪيس چڱي وڏي رقم ۽ عزت حاصل ٿي.

سخاوت پير سائين جن جي سرشت ۾ سمايل هئي. هر مسڪين سائل جي سنڀال پاڻ تي فرض ڪري ڄاڻائون. اهو انهيءَ ڪري جو هڪ تہ محتاج انسان جي محتاجي ۽ سائل جي بي وسيءَ جو کين وڏو احساس هو ۽ ٻيو تہ ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ مان کين روحاني راحت ٿي حاصل ٿي. انهيءَ ڪري رات ڏينهان جڻ مٿن 'ڏي ۽ ڏي' وارو جذبو طاري ٿي رهيو. نهايت پياري ۽ پسنديده شيءِ کي خدا جي راه ۾ ڏيندي عجب لطف ۽ لذت محسوس ڪندا هئا. وٽن ٻيٺل جنهن بہ گهوڙي، ڏاند يا اُٺ جي تعريف ٿي تہ اهو خيرات طور ڏيئي ڇڏيندا هئا.

وفات وقت چيائون تہ: افسوس آهي جو مون کان بہ يڪ وقت ڪنهن بہ لک روپيا ڪونہ گهريا.

قدرشناسي ۽ فياضي جو هڪ تاريخي مثال هي به آهي ته جڏهن مير علي مراد جو پير سائين جن سان جهيڙو عروج تي پهتو ۽ مير جماعت تي تمام گهڻي سختي ڪئي ۽ ڪجهه چونڊ فقيرن کي ماريائين ته فقيرن مير تي حملو ڪيو جنهن ۾ مير معمولي زخمي ٿيو. تڏهن مير پير سائين جن تي حيدرآباد ۾ خون جو ڪيس داخل ڪرايو جيڪو نهايت سخت ڪيس هو ۽ انگريزن جو دور هو. پاڻ اُن ڪيس جو وڪيل ديوان ميٺارام گدومل کي ڪيائون، جنهن ڪيس کٽيو ۽ پاڻ بري ٿيا، تڏهن پاڻ ديوان ميٺارام کي هڪ لک روپيا انعام طور ڏنائون، جا ان دور جي تمام وڏي رقم هئي. ان جو مختصر ذڪر ڪندي، پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڀيرواڻي پنهنجي ڪتاب ”راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چتر“ ۾ لکي ٿو ته ”هڪ لڱان روهڙي واري پير حزب الله شاهه جو ڪيس مليس، پير صاحب تي خون جي تهمت هئي. ديوان ميٺارام اچي ڪيچي ڪيس کٽيو ته پير صاحب اهڙو خوش ٿيو جو هڪ لک روپيا فيءَ طور ڏنائين. سندس شاهوڪاريءَ جو بنياد اجهو ايئن پيو.“

سندن فيض ۽ قرب سان جماعت گهڻو وڌي وئي هئي ۽ سڀ مٿان قربان پيا ٿيندا هئا. روزانو وٿن نذراني طور گهڻو ڪجهه جمع ٿيندو هو پر جيڪي ايندو هو پاڻ تنهن کان وڌيڪ ڏيندا هئا ۽ خزانو هميشه خالي رهندو هو. وصال وقت پويان ٽي لک رپيا قرض ڇڏيائون.

آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪين ورثي ۾ ملي هئي. هڪ طرف انگريزن جو سنڌ تي غاصبانه قبضو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو ٿي ويو ته ٻئي طرف سندن پاڙيسري حڪمران ميرن جي پڄاڻي سان انگريزن جي قائم ڪيل خيرپور رياست جي والي مير علي مراد خان جو ساڻن نزاع شروع ٿيو. پير صاحب جن وڏي صبر ۽ تدبر کان ڪم ورتو.

وفات: پاڻ جمعي جي رات آسُر جو محرم جي پنجين تاريخ سنه 1308هه (21_ آگسٽ 1890ع) ۾ وفات فرمايائون. اِنالِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيّهِ رَاجِعُوّن. ان وقت سندن عمر فقط پنجاهه سال هئي، جو حاسد

دشمن آخرڪار حيلي ۽ مڪر سان زهر قاتل جو پيالو سندن پيڻ لاءِ پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ٻه ڀيرا اڳ ناڪام ڪوششون ڪيون ويون هيون، ۽ هيءَ ٽيون ڀيرو هو جو کين زهر ملايل پيالو مليو هو. ان وقت اها خبر عام و خاص ۾ مشهور ٿي وئي. ڪنهن دردمند اُن حادثي تي ڪافي چئي، جنهن جي هڪ مصرع هن طرح هئي ته:

ٽئين ڀيري زهر ڏنائون، چؤڪيون هيون چوڌار
چور ٻيٺا هئا چاري چاري

يعني ته ٽيون ڀيرو دشمنن وڏي چالاڪي ۽ دغا سان زهر ڏنو ۽ سندن جاسوس چوڌاري سندن شهادت جي انتظار ۾ هئا. پاڻ اهو پيالو پيئندي فرمايائون ته: هي تقدير جو فيصلو آهي. ان کان اڳ آسمان ۾ آسُر وقت ’پُڇر تارو‘ اڀرڻ لڳو هو. پاڻ پنهنجي فرزند ميان علي اصغر شاهه کي سڏ ڪري گهرايائون ۽ ’پُڇر تاري‘ کي جانچيندي، ان بابت گفتگو ڪيائون. ميان علي اصغر شاهه چيو ته! قبلا سائين، ائين چوندا آهن ته جڏهن ’پُڇر تارو‘ ظاهر ٿئي ته ڪو وقت جو غوث يا حاڪم جهان ڇڏيندو. جواب ۾ فرمايائون ته: اهو مان هوندس. سندن اهي الفاظ اظهار نعمت ۽ پڻ حقيقت جو آئينو ثابت ٿيا.

سندن وفات سنڌ ۾ ان وقت جو هڪ وڏو دل ڏکوئيندڙ واقعو هو. جماعت تي ڄڻ غم جا ڪڪر ڇانئجي ويا. ڪي فقير جن جي ساڻن مريدي ۽ عقيدت عشق واري درجي تي پهتل هئي، سي هيءَ خبر ٻڌي غش ٿيا ته وري هوش ۾ نه آيا ۽ جهان ڇڏيائون. پاڻ غريبن، محتاجن ۽ سائلن جا ڀرجهلا هئا، سو اڪثر ماڻهو سندن ڏک ۾ رنا. پاڻ پنهنجي وڏڙن جي روضي اندر دفن ٿيا. الله تعاليٰ سندن مرقد مبارڪ سان گڏ سڀني صاحب مزارات تي قيامت تائين پنهنجي نور ۽ رحمت جي برسات وسائي. آمين.

(ف۔ م سڪندري)

ندانم از کجا آید ہمساں غارتگرِ دلہا بیک غمزہ سناں سازد ہزاراں جان بسملہا
دریں وادیِ عشقش مے زنم آخر قدم امّا چو نقشش ہر قدم باشند درایں راہِ منزلہا
نمے دانی کہ در غفلت مگر افتادۂ برخیز کہ راہِ کارواں دور است بربندید محملہا
بیا اے سارباں بنگر بزیرِ محمل افتادم کشم بر ناقہ چنداں کہ بسیارند محملہا
بہ گردابی منم حیراں کہ داند حال ما امّا کجا گیرند دستِ ما سبکسارانِ ساحلہا
اگر ساقی بے باقی اشارت مے کند مارا
بروئے عاشقِ مسکیں نماید حل مشکلہا

✱

ڪافي

ٿل: دلڙيون لُٽيندڙ لڪين وو لڪين لا۔
ڪڏهن ايندو ڪنيءَ وٽ.

1. هر قدم آ عشق جي منزل ووءِ وو
وادي ٽپي سو وڪين وو وڪين لا۔ ڪڏهن ايندو.
2. غفلت ڇڏ ڪر الفت ان سان ووءِ وو
ٻڌي ڪجاوا ڪڪين وو ڪڪين لا۔ ڪڏهن ايندو.
3. بار غمن جا ڪيئن چڪيان ووءِ وو
گهٽا مٽي ٿو رڪين وو رڪين لا۔ ڪڏهن ايندو.
4. سير سمنڊ جي آهيان پريشان ووءِ وو
سولو ساحل ڪر اڪين وو اڪين لا۔ ڪڏهن ايندو.
5. 'مسڪين' عاشق عشق جي مٺي ووءِ وو
حزب الله چڪين وو چڪين لا۔ ڪڏهن ايندو.

معطر کن بوئے نافۂ کاخر دماغم را   زمینا بادۂ گلگوں بده پر کن ایاغم را
زگردش این فلک بر مسکین چراغم روشنی بگذاشت   ز شمع خویش روشن شاز این مرده چراغم را
بہ تسخیرِ شکار آمد چو یارم بالکماں ابرو   بہ تیرِ غمزه بر دوزید ہر یک پرِ زاغم را
منم خستہ ز تیرانم کہ در قوس قزح دارد   دوے از لب شفا جویم کہ مرہم قرحِ داغم را
صبا می گویمت بکشائے رازے با منِ شیدا
کجا شد کو ہمدر دلجوئے از مسکینِ بلاغم را

*

ڪافي

ٿل: خوشبوءِ ڪٿوري ڪُلي وو ڪُلي لا۔
لٿا غم غمگين جا.

1. غمن مون کي ماري ڇڏيو ووءِ وو
ساڙيو زماني رُلي وو رُلي لا۔ لٿا غم.
2. شهنشاهہ شڪارُ ڪيو ووءِ وو
تکن تيرن سان ٿُلِي وو ٿُلِي لا۔ لٿا غم.
3. پرون پالا پورل جا ووءِ وو
ڦَٽ ڦاڪون تيا ڦُلي وو ڦُلي لا۔ لٿا غم.
4. ڪر راز ظاهر صبا 'مسڪين' سان ووءِ وو
حزب الله ويو هُلي وو هُلي لا۔ لٿا غم غمگين جا.

خطِ خوبی بگردِ گلعذارے کردہ ام پیدا   بہ تیرِ غمزہ اش جاں خود شکارے کردہ ام پیدا
عجائب سلسلہ زلفش مسلسل وارمے باشد   کہ ہر یک تارِ مشکینش چو مارے کردہ ام پیدا
برائے آں مہ ظلمت زُدا پیسرِ خرا باتم   دراِیں عین الیقینِ خود خمارے کردہ ام پیدا
برِ شیریں بجاں آریم با فرہاد فریادے   برائے عافیت کو غمگسارے کردہ ام پیدا
ولی او را خدا خواندہ و شیرِ خویش فرمودہ   فتیٰ در شان او چابک سوارے کردہ ام پیدا
زہجرِ آں گُلِ چونم بمثلِ لالہ پر خونم   چو بلبل در قفس جاں بیقرارے کردہ ام پیدا
عجب کایں یار شوخ و شنگ و نازک طبع مے باشد   برائے آں گوہر باریک تارے کردہ ام پیدا
ہم از جور و جفائے کافرے دلبر بتِ عیار   دو چشمے خوں فشاں و اشکبارے کردہ ام پیدا
بتارِ زلفِ پیچ انداز دیدم خالِ ہندویش   تو گوئی نافہ مشکِ تتارے کردہ ام پیدا
خطِ خوبی کہ می دارد بحسنِ جاوداں دلبر   بحلقہ وار گردِ مہ غبارے کردہ ام پیدا

بہر دم بلبلِ مسکیں رُخِ گل را کند سجدہ
ہمے گوید کہ شاہِ تاجدارے کردہ ام پیدا

✡

ڪافي

ٽل: ڇڪي ڪن شڪار ٽا ووءِ وو تير نظر جا تڪا هٽي.
1. عجب ڪاريهر زلف حسن لاءِ ووءِ وو پيچ پنبڻن جا پڪا هٽي.
2. عين اليقين جو آيو اشارو ووءِ وو تن من تيزؤن تان ٽٽي.
3. شيرين فرهاد فريادون ووءِ وو غمخوار گوءِ ويا ڪٽي.
4. رت ڦوهارا جاڻ مان جاري ووءِ وو بيوس پڃري آ بٽي.
5. شير خدا آ لقب جنهين جو ووءِ وو لاسيف واڳ آ ڏٽي.
6. عجب موتي مهراڻ جا ووءِ وو مڙهيان ماله ڳٽي.
7. چَشمان چِشم ڪيا رت جا ووءِ وو دلبر عيار هٽي اٽي.
8. صورت سهڻل جي ماه منور ووءِ وو 'مسڪين' وَه واه وٽي.
9 ڇڪي ڪن شڪار سجدي ۾ ووءِ وو حزب الله تاجدار تخت ڏٽي
10. چنڊ جي چوڌاري غبار آ وؤ وو حسن تي ساوڪ آ سهٽي.

اے ز نوشِ یک قدح از بس کہ بیہوشیم ما   ساغرِ صہبا بکف آریم و مدہوشیم ما
پند بارا در نمے گیرد کہ مستیم از اجل   از خمِ عشقِ بتاں دائم قدح نوشیم ما
نشۂ دیشب فرو گردید حالم شد تباہ   ساقیا! جامے بدہ تا در طلب کوشیم ما
بہرِ بخشیدن مئے اے ساقیِ گل فامِ من   ہر گدائے را بیاد آری' فراموشیم ما
لب بہ بندیم از فغاں کہ نالہ و زاری ہنوز   بس کہ در جور و جفائے یار خاموشیم ما
بس کہ بہرِ جرعۂ مے پیشِ اربابِ طرب   خرقۂ سالوس در مے خانہ بفروشیم ما
ہر کسے عیش و طرب در بزمِ عالی جاہ کرد   غفلتے ورزید کاندر خوابِ خرگوشیم ما
ہمیں مسکیں نگاہی از کرم انداز زود   ز آتشِ افلاس ہمچوں دیگ در جوشیم ما

*

ڪافي

ٽل: هڪ پيالو پيڻ سان مدهوش ٿيا ووءِ وو ماڻهو لکين حوران ملڪ.
1. آجَلُ اسان لاءِ ناه نصيحت ووءِ وو عشق ڏيکاريا هھڙا فلڪ.
2. نشو پنھنجو راتو ڏينھان ووءِ وو طلب لاءِ لائي تلڪ.
3. ڪين وساريو هيءَ هيٺي ووءِ وو ونڊ وٺن پيا پينو پلڪ.
4. غمن ڏکن کان آهه و فغان آ ووءِ وو چپ سِبيان ڪيئن هن سبق.
5. ڍولڻ هڪ ڍڪ ڍائي ڇڏيندو ووءِ وو ڇڏي سيئي چاليون چلڪ.
6. عيش انھن ڪيا جن پسيو جلوو ووءِ وو غلفت وار ٿيا غلق.
7. حال حزب الله جو ڏسو ووءِ وو عشق 'مسڪين' آ مرڪ.

در مجلسِ ملوکاں چہ بود گذر گدا را — رازے نہ فاش گوید ہر غنچہ صبا را
از من مدار پنہاں ایں قصۂ درازت — با مدعی مغرما ایں رازِ آشکارا
پنہاں تو چند سازی رویت کہ مہرِ آسا — بر عاشقاں تو بنگر اے ماہ نونگارا
شیدائے دلبرانم گرروازوہم بکنار بند — اے مدعی مگرداں دیں جوردیں جفا را
رداز رقیب گرداں بر عاشقاں نظر کن — گاہے روا نباشد با او چنیں مدارا

افسردہ ام نگارا ! در آتشِ فراقت
رحمے بحالِ مسکیں اے شوخِ من خدارا

*

ڪافي

ٿل: ڪانهي گداگر گتي ڪا، محفل منجهہ ملوڪ جي.

1. قصو ڏکهو آ لڪي نہ سگهندو ووءِ وو
پنهل ٻڌُ پتِي ڪا محفل منجهہ...
2. ماہ لقا منهن ڪيمَ لڪاءِ ووءِ وو
ڏس عاشق ڏي رتي ڪا محفل منجهہ...
3. دلبر تنهنجو عاشق آهيان ووءِ وو
ظلم جي حد اٿي ڪا محفل منجهہ...
4. عاشق ساڻ عنايت ٿي ووءِ وو
دشمن کي تہ ڏتي ڪا محفل منجهہ...
5. باھہ فراقن ڏاڍي لائي ووءِ وو
’مسڪين‘ مون لاءِ مٿي ڪا محفل منجهہ...
6. رحم ڪر حال مٿي حزب الله ووءِ وو
ناهيان ساھہ سَتي ڪا محفل منجهہ...

بیا تو ساقی بکشا ربند مینا را   بریز در قدحِ زرنگار صہبا را
شراب را بقدح ریختن بما دادن   چہ فرصت است دریں کار یدِ بیضا را
شرابِ ناب بدورِ لبت اشارت کن   خبر دہیم ز لطفِ لبت مسیحا را
حضورِ ساقیِ خالص شرابِ انگوری   بود نصیبِ کم اندیشگانِ دنیا را
اگرچہ زاہدے بکشاد دام پُر ز ہوا   کجا بدست کند شاہباز دانا را
تو زاہد از سرِ سجدۂ ریا بگذر   بدام مکر نگیرند مرغِ عنقا را
بصد ہزار فسوں دستِ کوتہانِ جہاں   نمی رسد بخمِ زلفِ عنبریں سارا
شراب خواستن و روئے یارِ خود دیدن

*

ڪافي

ٿل: ساقي شراب جي چَس الا، اچي عشق سوا ڪا.
1. يَدِ بيضا جي مالڪ کي ووءِ وو هڪ اشارو بس الا.
2. باريءَ جي بارگاهہ ۾ ووءِ وو دنيا دارن ڪسُ الا.
3. مُلا هوس جي ڦاهي اڏي ووءِ وو شهباز نادسترس الا.
4. لائي لبن ڏي پرت جو پيالو ووءِ وو لاهيان قلب جي ڪس الا.
5. ڇڏي رياءُ رب ريجهاءِ ووءِ وو عنقا پکي پوءِ پس الا.
6. هٿ نہ پهچي حبيب کي ووءِ وو واڪا ڪريان وس الا.
7. حُبَ حزب الله حضرت جي ووءِ وو 'مسڪين' ڇڏيان مس الا.
8. ملا سجدي مان مٿو ڪڍ ووءِ وو مڪر فريب ۾ نہ ڦس الا.

در بارگاہِ شاہی افتد گذر گدارا   تا کے کفن نسازد ایں دلقِ بے ریا را
آں محرمِ حضور است وآں ستۂ نشور است   ہر کس کہ واگذارد ہم حرص و ہم ہوا را
آں جگری بود، کو پندارد آں خسمِ ابرو   ہمچوں کنشتِ کافر آں خانۂ خدا را
آں کو کہ رنگ داند چشمے دد کور دانی   رنگ دگر نباشد جامِ جہاں نما را
صاحب نظر بود کو دارد در دیدہ بوسے   کے چشمِ کور بیند آئینۂ صفا را
از مجلسِ صفات و ذات آں گذر کہ باید   ہم از فنا گذر کن یابی تو بس بقا را

ساقی بیار بادہ آں کو تبسم آرد
مسکیں ز مستیِ او دَرّد ز تن قبا را

*

ڪافي

ٿل: ڪفني ڪنڌ ڪري وو ڪري الا، ديدار ڪيان درگاهه جو.

1. راز محرم آ مصطفيٰ محشر وو ميان لا،
حرص و هوس ڪان پري وو پري لا ديدار ڪيان...
2. ڪعبو ڪريان يار جا ابرو وو ميان لا،
صورت سبحان سري وو سري لا، ديدار ڪيان...
3. جو نہ سڃاڻي جسم ۾ جانب وو ميان لا،
نپٽ نور ذري وو ذري لا، ديدار ڪيان...
4. اک اُها جا پسي پرين کي وو ميان لا،
اک آئيني وري وو وري لا، ديدار ڪيان...
5. ذات صفات جي مقام فنا ڪان وو ميان لا،
بقا طرف تري وو تري لا، ديدار ڪيان...
6. حزب الله هدايت ڪر وو ميان لا،
’مسڪين‘ مستُ مري وو مري لا، ديدار ڪيان...

کیست یارب آنکہ بکشاید در میخانہ را   ہیچ جز رنداں نہ بکشاید در خمخانہ را
روزیِ ہر کس بجولِ دولت رنداں نگاشت   نقشبندے ساخت چوں خالِ رخِ جانانہ را
سرزنش کردہ است چنداں زاہدے خالی دماغ   غیر یارم کس نہ بکشودہ در میخانہ را
بادۂ وصلش چو از جوشِ جنونِ عریاں بساخت   چند پوشم از خلائق ایں بتِ عریانہ را
از ندائے لایزالش بر فلک چوں دم زدم   سوخت شمعِ عرش افروزے پرِ پروانہ را
مشک بوئے طرۂ طرار را با شانہ ساخت   سنبل و ریحان بگفتا باز داری شانہ را
مشتِ خاکِ خاکداں را در تہِ میخانہ نہ   کافرش در خاک انداز ندا کی خانہ را

بلبلِ مسکین ہمی نالیدہ اندر بوستاں
نالہ اش می ساختہ دیوانہ فرزانہ را

✱

كافي

ٿل: جھلڪ ڏيکاري در ڏئي ويا ميان لا، هي ڪولي ڪير خدا،
ڪولي ڪير خدا، عاشق اڳ ڪندا سر ۾ ساھہ فدا.

1. رزق روزي سڀ وو رب وٽان ميان لا،
او... لکيا تڏهن خدا رخ تي خال وڏا.
2. اکرين اڙايو وو موڳي ملان ميان لا،
او... غير کان حاصل نہ ٿيا ٻاروچل کان ٻڏا.
3. وَصُلَ اصل مون وو عريان ڪيو ميان لا،
او... عاشق اگھاڙا رهندا، خلق کان ڪين لڪندا.
4. عشق عرش کان وو ازلي آيو ميان لا،
او... سڏ سڻِ سان سڙندا سڀ پروانا جلندا.
5. مشڪ ڪليا وو وار ڪلهن ميان لا،
او... سنبل ريحانہ دانهان ڪندا، زلف ڦٽي جي ڪلندا.
6. خاڪ تنهنجي وو قدمن جي ميان لا،
او... اڱڻ پنهنجي رکندا، حزب الله ڪر نہ جدا.
7. دانهون سٽي وو ’مسڪين‘ جون ميان لا،
او.. بلبل بس نہ ڪندا هوشِ نہ زن و مردا.

در میانِ مصحفِ رویت زدم صد فالها
آیت لطفت ز رویت جسته ام صد سالها
سالها از جوشِ آتش بار نالۂ خویشتن
ریختم از چشم خونی اشک ہمچوں ژالہا
در میانِ وادیٔ عشقت ہزاراں بے سراں
ہمچو من بسیار مے باشند شیدا والہا
لشکرِ چشم تو چوں از گیسوئے گیرد کمند
رستم و سام نریماں می شود چوں زالہا
مستیٔ بادِ خزانم از بہار افگند دور
می کنم چوں بلبلِ مسکیں ہزاراں نالہا

*

ڪافي•

ٽل: دلڙي ڦري ويا سؤ سال ڪان لا، هي ڳولي ڳولي لڌم،
ڳولي ڳولي لڌم، سؤ سؤ ڦالون وڌم، قول مان قرآن پڙهم.

1. عشق جي آتش وو جوش هنيان ميان لا،
او... سالها راڙيون ڪيم، اکڙين رت رنم.
2. منجهه ميدان وو عشق جي ميان لا،
اُو... هزار حيران ڏٺم انگڙا آگ رڌم.
3. نيڻن نِمايا وو لشڪر لکين ميان لا،
او... زلف جي بند رستم، حزب الله هڪلم.
4. خزان ڪيو وو مون کي پري ميان لا،
او... ’مسڪين‘ مون کي مليم غم هزارِين الم.

• طرز:- پنهل وٺي ويا منهن جو پاڻ سان

ساقی بقدح ریز تو گل گوں شراب را   سیراب ساز جانِ منے چوں سراب را
با ناز گر بگوئی کہ عرضِ فقیر چیست   دلبر بگویمت کہ تو بکشا نقاب را
برقع کشا ز چہرہ و اندر چمن خرام   شرمندہ ساز چشمِ مہ و آفتاب را
چنداں ز صبر خواہی لب چوں صدف کشا   چند از دہاں بریز تو دُرِّ خوشاب را
از ابر گریہ آری و از شبنمِ سحر   خندہ گرفتی آرِ از گُلِ گلاب را

مارا معلّم است فقط روئے مصحفت
ما سوختیم بمدرسہ دیگر کتاب را

*

ڪافي

ٿل: ڏوليا ڏک ڏي تہ ڏءُ کيان، اجياري هان رجن ۾.
1. پيچ فقير کان نازمان ووءِ وو لاهِ نقاب تہ نيهن نؤ کيان.
2. ٿِل چمن ۾ چهرو کولي ووءِ وو مٺ نہ سج چنڊ جَؤُ کيان.
3. کول لبن کي ٻول کي منڙا ووءِ وو موتي هزار سِپ سؤ کيان.
4. ککر ماک جان روئين سويرو ووءِ وو مرکڻ جي کن کؤ کيان
5. استاد منهنجو منهن اوهان جو ووءِ وو خالص اکر درس مؤ کيان.
6. پيچ زلفن جا حزب الله ووءِ وو 'مسڪين' ماسَو الله جو چوپؤ کيان.

باشد کہ گیرم در بغل یک روز سیمیں چنگ را
تا در دل آید رشک گردون زمردیں رنگ را
از ہجر تم خونی جگر کافتادہ ام اندر سقر
کیں آتش پر جوش من در دم گدازد سنگ را
روشن ضمیرا اے دلستاں ایں زنگ را از دلستاں
زن صیقل صافی نما آئینہ پر زنگ را
مژگاں سناں تیر نگہ ہر لحظہ ناوک می زند
دو ترک زادہ الاماں کہ تاب آرد جنگ را
نظارۂ ابروئے او چیں را بچینی می خرد
باشد کہ فہماند کسے آں یار شوخ و شنگ را
خواہی کہ بدنامم کنی گرچہ تو بے کامم کنی
در عشق تو کے جوید آں مسکین نام و ننگ را

*

كافي

ٿل: پل سڙي سارو جهان، آسمان سوڙو آڳ ۾،
اُهو ڏينهن مون ڏاتر ڏسان، پورل ملي مون پاڳ ۾.

1. عشق اندر ۾ آڳ لائي، دوزخ ڪنبي ويو مون ڏسي،
آه منهنجي عشق جي، پٽر پگهاري راڳ ۾.
2. روشن ضمير دلبر دلاور، دل منهنجي جو رنگ ڏس،
لاهه ڪٽ هن قلب جي، ديدار جي هڪ داڳ ۾.
3. ٽا مارن مون کي او منڙا، تيرن سندا تنهن جا تفنگ،
ٻن ترڪ زادن سان الا، ٿي لڙائي تاب ۾.
4. هڪڙي اشاري اک جي ۾، تو خريدي ملڪ چين،
نوري نظر منهنجي يار جي، شل پوي غمناڪ ۾.
5. عشق ۾ بدنام ڪيئي حزب الله هيڪر پري،
ناه خوش 'مسڪين' مورئون، ناموس عزت آب ۾.

ساقی از صہبائے پرکن جام را ترک خواہم کرد ننگ و نام را
ساقیا! مئے دہ کہ عمرم نو کند نیک سازد عمرِ بد آیام را
ساقیا! مئے دہ کہ می باشد لطیف برکشد ایں درد و غم آیام را
ساقیا! مئے دہ کہ اندر مستی اش بازبینم شوخِ گل اندام را
مئے ز دستِ ساقیِ خواہم چشید بازیابم کاخرش ہر کام را
شامِ ہجراں گر برآمد غم مخور
صبح می باشد ز پس ہر شام را
ساقیا مے دہ کہ نوشم تاہ تاہ پائیداری نیست ایں اکرام را !
میرود مسکیں دمادم در چمن در چمن می جوید آں گلفام را

*

ڪافي

تل: جانب پري ڪو جام ڏي، ترڪ ڪيان هي تونگري
1. پيار پنهل ٿيان پوڙهو پهلوان ووءِ وو
برا ڇڏي نيڪ ايام ڏي، ترڪ ڪيان...
2. سهڻا عنايت ڪر اسان ڪي ووءِ وو
ڏينهن رات نہ غمام ڏي، ترڪ ڪيان...
3. سڄڻ پسان سو گل گلابي ووءِ وو
مستي اهڙي مام ڏي، ترڪ ڪيان...
4. هوت هٿان هي مزو ماڻبو ووءِ وو
تڏهن هلبو تمام ڏي، ترڪ ڪيان...
5. غم فراق مٿي سهي ووءِ وو
ڇڏي صبح هَلُ شام ڏي، ترڪ ڪيان...
6. هادي هٿان پي حزب الله ووءِ وو
اِها گهڙي انعام ڏي، ترڪ ڪيان...
7. منجهہ چمن جي ’مسڪين‘ دما دم ووءِ وو
گهُوري ٿو گلفام ڏي، ترڪ ڪيان...

تا آنکہ ہست ذکر تو وردِ زبانِ ما پر گوہر است حقۂ دُرجِ دہانِ ما
تا ہست جائگیرِ زباں در دہانِ ما حرفِ محبت است رواں بر زبانِ ما
زاہد خبر نداشت کہ اسرارِ حق چیست کس را وقوف نیست ز رازِ نہانِ ما
امشب بہ بزمِ عشرتِ تے قاضی و محتسب ہستند جملہ مست ز مئے ارغوانِ ما
بے پا و سر زِ کوئے تو ہرگز نمے روم ہر چند دورِ چرخ کند امتحانِ ما
تا کوئے یار عزمِ سفر می کنم بسیکہ غیر از صبا کسے نشود ہم عنانِ ما
ساقی! ببیں کرامتِ مستیِ مئے کشی کز ما. ربود طاقتِ تاب و توانِ ما
ہر صبح دم بیادِ گلِ روئے فرّخت بلبل دہد بعرضِ تو شرح و بیانِ ما
مسکیںؔ نوشتہ اند بہ زیرِ درِ مغاں
نومید کس نمیرود از آستانِ ما

*

ڪافي

ٽل: ورد وظيفو تنهنجو ذڪر زبان تي آهي،
جيسين جيئرو آهيان، دل دهان تي آهي.
1. تنهن جي محبت جي ڳالهه بنا ٻيو ڪجهه ناهي،
ٻول جيسين ٻولي زبان عن الهوا فرقان تي آهي.
2. حق جون رمزون زاهد ڪين ٿو ڄاڻي ڪڏهين،
مخفي راز آسرا جو مالڪ مهمان تي آهي.
3. محفل عشق ۾ ها مست قاضي محتسب سارا،
در نه ڇڏيان دوست جو سر امتحان تي آهي.
4. ڏس ڪرامت مئي ڪشيءَ جي طاقت تاب جي ناهي،
هر دم ياد حزب الله ۾ لقا بيان تي آهي.
5. پيرِ مغان جي پيراندي ڪان لکيل آهي ’مسڪين‘،
نه رهندو نااميد، جو آيو آستان تي آهي.

آرزو دارم که امشب در چمن بینم ترا یا چو شمعِ انجمن در انجمن بینم ترا
من دعا گویم تو آمین گو که تا باشد جہاں کامراں باشی بکامِ خویشتن بینم ترا
غنچهٔ دل خون شد خالِ زنخدانِ تو شد یوسفِ گم گشته در چاہِ ذقن بینم ترا
من کنار از جمع خوبانِ جہانِ کردم تہی در کنارِ خویش اے گل پیرہن بینم ترا
تیغِ ابرو تیرِ مژگان دکمندِ کاکلت در صفِ خوبانِ عالم صف شکن بینم ترا
نونہالِ باغِ حسنے زرشکِ گل از غنچہِ لب در خرامِ نازکت سروِ سمن بینم ترا
نازِ تو بازارِ نازِ نازنیناں را شکست نازنیں نازآفریں نازک بدن بینم ترا
دُرِ دندان ولبِ لعل از تبسم درکشاد تا جواہرخانهٔ دُرجِ دہن بینم ترا
زارے نالم ز ہجرت در دلِ شبہائے تار تا بکامِ خویشتن اے ماہِ من بینم ترا

مطلبِ مسکیں نباشد غیر وصلت اے نگار
از خدا خواہم که با ہم سخن بینم ترا

*

تل: ڀرون ترارون پنبڻيون خنجر، زلف ڦاهي آ عاشق لاءِ،
دنيا ۾ محبوب ڪروڙين، سيڪو سلامي لائق لاءِ.
1. آرزو تو سان آ باغ ۾ ملڻ جي، مورشمع محفل جو مالڪ ملاءِ.
2. ٿون آمين چؤ دعا گهران مان، جيسين رهي دنيا خوش ٿي ڪلاءِ.
3. تر تنهنجي ڪاڏي رت دل منهنجي، ڪاڏي کوه ۾ يوسف ڳولاءِ.
4. محبوب جهان جا جمع ڪناري، هادي حقيقي ڀاڪر پاءِ.
5. باغ حسن جو غنچه لب تون، سر و سمن ايا آمد لاءِ.
6. ناز ناز ڪندڙ ناز ڀلي ڪن، آناز نرالو نازڪ لاءِ.
7. لب لال موتي ڏند پنهل جا، وات جواهر خانو آهه.
8. رات اونداهي رڙان فراقان، مراد مطلب جو سالڪ آهه.
9. ’مسڪين‘ مطلب تو سان ملڻ آ، دعا خدا ڪان آ تو لاءِ.

ساقی آور بادۂ گلفام را   اعتمادے نیست ایں ایام را
در مہِ اُردی بہشت اے دوستاں   حیف باشد ترک گفتن جام را
ہمنشیناں! بعد ازیں در راہِ عشق   ترک خواہم کرد ننگ و نام را
از کفِ خود رائیگاں ہرگز مدہ   یار سیم اندام زرّیں جام را
اے دلا! گر بوسہ اش نامد نصیب   داں غنیمت از لبش دشنام را
من دعائے گفتم او دشنام داد   منتظر مے بودم ایں انعام را
مے توانم دیدہ را تدبیر کرد   چارہ نبود ایں دلِ بدنام را
از بتاں مہر و وفا مسکیں مخواہ
از دل آزاراں مجو آرام را

*

ڪافي

ٽل: پيارج پاڻ پرڪش اڄ، صبحاڻي ٿئي الائي نا،
گلستان ۾ بهاري آ، پيارين پوءِ الائي نا.
1. راهه عشق ۾ هن کان پو ڪٽڻ نالو چڱو ناهي،
هٿان پنهنجي پيالو پر، سونو چاندي هلائي نا.
2. دل دلبر جي منهن مٺڙي، نه تنهن جي ڀاڳ ۾ آهي،
ته گارين کي غنيمت ڄاڻ، ڪري ها گفتار الائي نا.
3 دعائون ٿي ڏنيون جن کي مون، تن پئي ڏنيون مون کي گاريون،
انهي انعام جو حقدار، ٿيان ها پوءِ الائي نا.
4. رٿون اکين جي روڪڻ جون، ڏسڻ کان مون ڪيون ڪيئي،
مگر بدنام دل کي مان، روڪيان رڪجي الائي نا.
5. حزب الله حب ۾ رهه، متان ’مسڪين‘ ٿئين ماندو
اميدون رک نه تون اُن ۾، وفاگر ٿي الائي نا.

بیا ساقیا! دہ بمن جام را   بیا در مئے لعل گلفام را
مغنّی! بزن بربط و چنگ و عود   زدایم غم و رنجِ ایّام را
بیاور ازاں مئے کہ ہوش آورد   سرِ رندِ مستِ مئے آشام را
زبانش برید و دہانش درید   کسے کو مذمّت کند جام را
کشد طالعم تا گذارم بتو   شبے خرّم و روز فرجام را
در آغوش مسکیںؔ بتا! کاشکے
بآخر ہمے بردی ایّام را

*

ڪافي

ٿل: اچ پاڳارا اچ الا، محبت ٻاريو آ مچ الا!
ديدار ڏئي وچ دل ٺاري، اچ پاڳارا...

1. ڳاءِ ڳائيندڙ ساز سان، چنگ وڄائي نچ الا!
غم الم ڇڏ اوجاري، اچ پاڳارا اچ...

2. اچ اچي ڏي عشق جو چڪو شراب جو ڳچ الا!
مست هوشيار اوتاري، اچ پاڳارا...

3. پير فقير جو بدخواه جو وات زبان وڍِ تنهن لچ الا!
فيض جاري آ توهاري، اچ پاڳارا...

4. بخت کلي ڪو خدا ڪري، پيريءَ ۾ تہ پهچ الا!
حزب الله خوش گهاري، اچ پاڳارا...

5. دلي مراد ’مسڪين‘ جي، پوري ٿئي سچ پچ الا!
سڄڻ تُنهنجي آءٌ سهاري، اچ پاڳارا...

ساقیا! از بادہ پر کن جام را   تا کہ برتابم غمِ ایام را
صبحدم چوں بلبل اندر گوشِ گل   اے صبا! از من رساں پیغام را
روئے بنمودی و بردی سر بسر   خواب از چشم ز دل آرام را
خوش بجائے چشم خود بنشاندہ ام   ناز پرور سروِ سیم اندام را
دیدمُ دلدادم و شیدا شدم   خطِ سبز و عارضِ گلفام را
از طلوعِ چہرۂ دلدار ماست   روشنیِ صبحِ خوش فرجام را
ایں دلِ شیدا کہ محوِ روئے تست   چشم میدار در رہِ انعام را
در شبِ وصلِ بتاں لازم شدہ است   سر بریدن مرغِ بے ہنگام را
حلقۂ دلہا میانِ ابر کرد   ایں کمندِ زلفِ مشکیں فام را
در حریمِ خلوتِ صاحبدلاں   بار نبود ہیچ خاص و عام را
عاشقِ شوریدہ نتواند نہفت   در دلِ خود راز طشت از بام را
خیز! در راہِ طلب مردانہ باش   ہمت اے دل! تا بیابی کام را
گفتۂ حافظ چہ مسکیں خوشتر است
"خاک برسر کن غمِ ایام را"

*

ڪافي

ٽل: قهر ڪري ويا دلڙي ڦري ويا، ننڊ اکين کي آهي حرام.

1. جام محبت جاني پياريو ڏک ڏولاوا ڏُکيءَ تان ٽاريو
منهنجو پهچايو پرينءَ کي پيغام.
2. ناز پرور کي ڏنيون جيءَ ۾ جايون، ڏسي رنگ رتولي چريا ٿيا آهيون،
زيارت ملي هن دل کي انعام.
3. محب ملڻ تو تي واجب آهي، قيد ڪيون دلڙيون زلفن جي ڦاهي،
بنا وقت بانگ ڏي ڪر ڪڪڙ قتلام.
4. دلين جا صاحب ڪنهن رٿ دانهِيان، عشق جا راز ڪئين لڪايان،
وس ۾ ناهي ٿيان خاص يا عام.
5. حزب الله خوشيون حاصل ٿيون هاڻي، مرد 'مسڪين' ٿو موجون ماڻي،
رک سبق حافظ جو دل تي مدام.

دامن کشا مرو ز من اے دلربا بیا   مینالم از فراقِ تو بہرِ خدا بیا
اے غنچہ لب بیا و رخِ تو کہ چوں گل است   دل تنگم از برائے تو اے دل کشا بیا
سوسن بہ دہ زباں زہوائے تو دم زند   گل میدرد قبا بچمن چوں صبا بیا
مگذر ز شیوۂ کرم و بندہ پروری   بگذر ز رسمِ جور جفا با وفا بیا
چو ساحتِ فلک بقدوم تو زیب یافت   گفتند قدسیانِ فلک مرحبا بیا
غائب مشو ز دیدہ ام اے سرو ناز من   سازم ترا بمردمکِ چشم جا بیا

امشب بمحفلم تو علی الرغم مدعی!   با عشوہ و کرشمہ و ناز و ادا بیا
ہر شامِ غم بیا و رخِ مہر پرورت   تا چند گریہا کنم اے مہ لقا بیا
بے مہرِ دورِ چرخ نہ شد ساز کارِ من   اے کارِ سازِ کارِ منِ بینوا بیا
دلدار وعدہ کرد کہ مسکیںؔ بیایمت
یکبارگی شکیبم و صد بارہا بیا

*

ڪافي

ٿل: درد فراق جي ماريو الا، اوري آ بهرِ خدا،
ڇڏائي دامن دلبر نہ وڃ، تيء نہ جُدا.

1. لب غنچا تنهن وو باغ جا ميان لا، رخ سان رانديون ڪندا اي دلبر،
تنگدل ڪي نہ وساريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

2. سوسن سنبل وو محبت ۾ ميان لا، ڪن دعوي ڪئي ڏهہ ڏهہ دفعا اي دلبر،
چمن گريبان ٽم ڦاريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

3. ڪرم نوازي وو ڪم تنهن جو ميان لا، ڇڏ تون جورو و جفا اي دلبر،
رسم وفا جي پاريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

4. فلڪ فرحتياب وو تڏهن ٿيو ميان لا، جڏهن تو قدم وڌا اي دلبر،
حورن ڳيت آ ڳايو الا، اوري آ بهرِ خدا.

5. ساعت سڄڻ وو وڃ نہ تون پري ميان الا، ويهہ اکين ٿيان مان فدا اي دلبر،
جيءَ ۾ جايون ڏيان واريوِ الا، اوري آ بهرِ خدا.

6. رونق بخش وو ڪا محفل کي ميان لا، کُول گونگهٽ نازوادا اي دلبر،
مدعي ڏسي پيو مڪاريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

7. شام صبح وو ٿو غم ۾ گهاريان ميان لا، ياد تنهنجي ۾ ماه لقا اي دلبر،
ورهن کان ٿا روئاريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

8. ڪم نہ وو ٿهيو ڪو ڪوڙي دنيا ۾ ميان لا، ريءَ پرين تو مددا اي دلبر،
اوکيءَ مان تہ اَڪاريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

9. محب ’مسڪين‘ سان وو واعدو جو ڪيئي ميان لا، هادي ٿي حزب الله اي دلبر،
صبر جو اجر ڏياريو الا، اوري آ بهرِ خدا.

بیائید اے ہم نشیناں خدارا   بگوئید حالِ من آں دلربا را
غمِ گل رخش آنچناں کرد بامن   کہ نتواں شود حالِ بادِ صبارا
زعجز و نیازِ من و نالۂ تو   چہ در گیرد آں شوخِ ناآشنارا
زشوقِ تو ہر غنچۂ در گلستاں   کند ہر سحر چاک گل گوں قبارا
حدیثِ جمالش بدفتر نگنجد   نباشد حدِ شوقِ بے انتہارا
بگوشید بایار نامہربانم   بسلطاں رسانید عرضِ گدارا
اگر ساقی از ماستاند چہ بہتر   بجامِ مئے دلقِ صد پارہا را
حریفے کہ از غمزۂ ہر دو چشمش   کمکہا است ہر لحظہ جور و جفارا
طبیبا! نکوشید ہرگز نباشد   دل از درد آگاہ نامِ شعفارا
پُر از لالہ شد باغ داغِ محبّت   چو فردوس گلزار شد سینہ مارا
سحر گہ ہمے گفت مسکیں کہ دعایت
اجابت زدہ بوسہ دستِ دعارا

✶

ڪافي

ٽل: روئي رفيقو منهنجو چئجو پرين کي پيغام،
اي ميان حال عجيبن اڳيان، وسري خدارا نہ غلام.

1. ياد اوهان جي سهڻا هيڻان حال ڪيا،
حال حقيقت اهڙا باد صبا سان نہ ڪيا،
اي ميان عجز و نيازي رڙين، آثَرَ نہ تو کي ڪيام.

2. عشق تنهن جيءِ مڪڙيون گل باغن منجهہ ٽِڙيا،
حسن جمال جا دفتر خوشبو خوب ڪڙيا،
اي ميان عشق جي شوق جي اصلي ٽيڪي نا اختتام.

3. راضي ناهي يار منهنجو ميڙ ٿي منٿون ڪريو
عرض گذاريو ساقيءَ ڳران ٿو ڳڻتيون ڪريو
اي ميان پائي ڳل گودڙيون گنديون، ڪري سجدو سلام.

4. ڏئي. چشمن جون چاليون، هوش ڇڏائي هڪدم،
هر لحظي جور و جفا حريف رهين ٿو دم دم،
اي ميان درد ڪان واقف ناهن، توري طبيبِ تمام.

5. داغ 'مسڪين' محبت جوُ ڳاڙهو ٿي تہ ويو
حِزب الله فردوس سينو منهنجو ٿي تہ ويو
اي ميان غيب ڪان آئي ندا، تُنهنجي سدا صاب پيام.

خستہ جاں را خرید شہر آشوب شاخِ صبرم برید شہر آشوب
دوست باز آمدہ چو در میداں فتنۂ از در رسید شہر آشوب
چوں رُخ آور دلالہ برقعہ بدر چشم من نیز دید شہر آشوب
داشت چوں خال بر رخِ زیبا خط در روے کشید شہر آشوب
من ندانم کہ چیست؟ مے آید باز از من رمید شہر آشوب
تیغ برداشت و باز رفت بخواب
شکر کیں آرمید شہر آشوب
با یکے غمزہ شوخِ بازاری جانِ مسکیں خرید شہر آشوب

*

ٿل: قتيل خريد ڪيو دلبر، منهنجي صبر جي ٽاري وڍجي وئي.

1. محبوب ميدان ۾ موٽي آيو امت امتحان ۾ پئجي وئي.
2. رخ رهبر جو برقعي کان ٻاهر، ديد دلبر سان اڙجي وئي.
3. هڪ خوبصورت ڀيو تر جو داڻو ليڪ لبن تي ڪڍجي وئي.
4. کهڙي ڳالهه تي ڪاوڙ ڪوهيارا، مِهر مون ڏانهن مٽجي وئي.
5. جلوو ڏيکاري جلد جدا ٿيو ساهه جي تند سڻجي وئي.
6. نازمعمولي سان ’مسڪين‘ جو ملهه، جان خريد ٻه گهٽجي وئي.

وہ کہ پُرشور است گلشن از نوائے عندلیب   می رسد در گوشِ گل ہر دم صدائے عندلیب
ابرمے بند در رگِ فوّارہ را بر شاخِ گل   تا زمرّد فرش گردد زیرِ پائے عندلیب
عاشق و معشوق در راہِ طلب ہم منزل اند   گل مگر بر شاخ بہ نشیند بجائے عندلیب
از ستمہائے خزاں و از جفائے باغباں   لالہ و سوسن شود قرباں بلائے عندلیب
از غمِ بلبل چو گل را پنج روزِ عمر نیست   باغباں شرمندہ باد از وفائے عندلیب
زیستن بلبل بغیر از گل سراسر مشکل ست   اے خزاں! بگذار گلشن را برائے عندلیب
از تمنّا ہائے بلبل و از عنایتہائے گل   عالمے باید شدن بستاں برائے عندلیب
در فراقِ گلستاں آمد بقولِ نبض بیں   کاسۂ نرگس پُر از شبنم دوائے عندلیب
گل ز گلشن رفت و بلبل مُرد گشتہ باغباں
می کند آہ و فغاں مسکیںؔ برائے عندلیب

✱

ٽل: عاشق معشوق مقصد ساڳيو راهہ طلب بہ ساڳي آ.

1. گلشن ۾ هي شور مچي ويو بلبل گل لاءِ جاڳي آ.
2. ڪڪر ڦوهارو گل تي ڪوليو فرش زمردين لاڳي آ.
3. ظلم خزان ۽ ڏاڍ مالهي جي، بلبل جي دل داڳي آ.
4. گل جي حياتي پنج ڏينهن ناهي، بلبل حياتي جهاڳي آ.
5. جيئڻ جنجال آ گل بنا بلبل، گل سان بلبل واڳي آ.
6. بلبل جي تمنا گل جي عنايت، سدا گل سان سهاڳي آ.
7. بلبل بيمار کي ڏس ڊاڪٽر جو شورو شبنم شفاڳي آ.
8. گل ختم، ويو مالهي، مئي بلبل، 'مسڪين' محبت ۾ راڳي آ.

زمشک بوئے تو، عالم معطر است امشب   زماہ روئے تو، ہر کو منور است امشب
ز باغِ حسنِ گل مدعائے برچینم   کہ دورِ برج سعادت باختر است امشب
ازاں برقصِ نشاط اند لولیانِ چمن   کہ عقد جام و مراحی مقرر است امشب
بہ صحنِ گلشن بلبل چہ حجلہ آرا است   کہ عقد بندی سرو و صنوبر است امشب
فضائے صحنِ گلستاں کہ رشک فردوس است   بدستِ ساقیِ من حوض کوثر است امشب
نسیم خرمنِ گلہا نثارِ محفل ساخت   صبا ز فیضِ کرم لطف گستر است امشب
بہار و ابر و گل و لالہ و چمن سیراب   بساکنانِ چمن بخت یاور است امشب
فقیہہ شہر بسوئے من از اشارت کرد   حریفِ بزم چو بے پا و بے سر است امشب
بجوئے میکدہ اربابِ ملکِ مستی را   ہبوبِ بادِ صبا یا ز رہبر است امشب
مبارک است کہ فصلِ بہار باز آمد   بوفقِ بادکشاں وقت خوشتر است امشب
بعہد فصلِ بہاراں چو بلبلِ مسکیں
بعیش کوش کہ دیگر چہ بہتر است امشب

⁂

ٽل: باغ جنت کي ريس اچي ٿي، حوض ڪوثر هٿ هادي آ،
مشڪ معطر عالم سارو، مؤمنن منجهه منادي آ.

1. لب نيڻ ڇهري مان مقصد چونديم، قسمت کي مبارڪبادي آ.
2. رقص ڪيو مالهي لوليون ڳايو گگهي شراب جي شادي آ.
3. بلبل سينگاريل صحن چمن ۾، سَر وَ صنوبر عقادي آ.
4. فيض ڪرم هي باد صبا ڪيو قربان نسيم گل گادي آ.
5. پاڳ ڪليل آ ٻاغ وارن جو گل لاله چمن سوادي ا.
6. سوا هٿ پير جي شمع محفل کي، اشارو ملا جو مادي آ.
7. ذوق مستي جو ميخانه ۾، ريءَ باد صبا سڀ بادي آ.
8. بهار موٽيو بلبل سرهي، وقت موافق وادي آ.
9. خوش خورم رهه هر دم 'مسڪين'، بندش ناهي آزادي آ.

غفلتم بُرد آنچناں امشب کہ ندانم ازایں وآں امشب
تاکہ آں شہسوار تیز گذشت گشتہ ام سخت بیغناں امشب
فرقتِ او ہمے زند ناوک در دلُ دیدہ ام نہاں امشب
اے من از پا وسر ندانستم خوابم آمد چنیں گراں امشب
بسکہ در ذکرِ وصفِ ذات ویم گوہرِ خیزداز دہاں امشب
بتحقیقت زفتم اے مسکیں !
دلبرم رفت ناگہاں امشب

*

ڪافي

ٿل: ڪٿي ارض ڪٿي اسرا، ڪٿي آهيان رهيو اڄ رات،
نہ ڄاڻان تيز ويو نڪري خبر ڪان بي خبر حالات.

1. مٿي بُراق جي شهسوار، مٺو محبوب منهنجو آ،
سندس فيراق جا دل ۾، لڳن ٿا تير منجهه پرڀات.
2. محو ديدار منجهه دلبر، اهڙو حال ٿيو منهنجوَ
خبر ئي ڪانہ پئي پيارا، ختم ٿي وئي اُها ئي رات.
3. الست بربڪم آيو قالوا بليٰ چيو سون اُتِ،
ونحن اقرب اڳي ڪان وڌ، ولسوف جي وائي هر وات.
4. حقيقت حزب الله ساري، هئي اختيار منهنجي ۾،
مگر ’مسڪين‘ ويو نڪري، بغل مان اوچتي اڄ رات.

رحم کن رحم برکشا نقاب   روئے بنما نہ لازم است حجاب
زلفِ مشکیں بگرد ماہِ رُخت   ابر با آفتاب عالمتاب
آنچنانم ز دیدنت جاناں   کہ زلیخا ز یوسف اندر خواب
در خمِ گوشۂ دو ابرویت   فرض شد سجدۂ علی الاصحاب
وقت نوروز و عہد فصلِ گل است   یادم آرید ایہا الاحباب
در شبِ وصل غیر ازیں نہ سزد   شکر و شمع و شہد ناب شراب
ساقیا! جامِ مئے عنایت کن   ورنہ خواہم فگند سر چو حباب
میکشاں را بہ بے حوالت دہ   تشنگاں را بجرعۂ دریاب
نغمۂ چنگ با مئے گل رنگ   محتسب را خطا مرا است صواب
اے مغنی بیا کہ وقت خوش است   تارِ طنبورا را بزن مضراب
یارِ با ما ست مہرباں ہر دم   گو بمیرد رقیب خانہ خراب
شبِ وصل است دوستاں جمع اند   ساقیا! دیر چیست جلد شتاب
چشم گریاں و سینۂ سوزاں   عاشقاں را بود شراب و کباب
پند بشنو بعشق کوش اے جاں   اے دل! از حسن روئے خویش متاب
دل قوی کن بغفرتت اے مسکیں!
تا شوی از وصال بہرہ یاب

*

ٿل: رحم ڪريو پردو زخ تان پري ڪريو سونهين نٿو سهڻن حجاب.

1. چنڊ جان چهرو چمڪي سدائين، زلف ڪن ٿا ڇانو آفتاب.
2. زيارت لاءِ ائين آهيان ماندو جيئن زليخا ڏسي يوسف لئہ خواب.
3. ٽنهنجا ابرو ٿيا قبلو ڪعبو سجدو فرض علي الاصحاب.
4. گلن ٽڙڻ جي موسم آهي، ياد رڪو هي دوست احباب.

5. رات وصل جي ٻيو نہ گهرجي، ماکي مصري شمع شراب.
6. محبت جو پيالو مرشد عطا ڪر، اجايل کي هڪ ڦڙو آب.
7. ساز ۽ شراب مُلان کي گناهہ، پر مون لاءِ آهي ثواب.
8. ڳائڻ وارا اچي اڄ ڳاءِ، تار طنبوري هِڻ مضطراب.
9. مون تي مهربان منهنجو سائين، دشمن جو ٿيو خانو خراب.
10. رات ملڻ جي، اچي دوست گڏيا هِن، ساقي! دير نہ ڪر اڄ شتاب.
11. رئندڙ اکيون سڙندڙ سينو عاشقن لاءِ آ شراب ڪباب.
12. اي دل ٻڌ نصيحت منهنجي، عشق حسن جو سهہ پيو تاب.
13. دل فراقان پڪي ڪر ’مسڪين‘، اچي ملندو سائين جناب.

دہ کہ پُر شور است گلشن از صدائے عندلیب   می رسد در گوشِ گل ہر دم صدائے عندلیب
شاخِ گل از آستیں چوں ساخت شمشیر آبدار   چوں زلالہ می چکد از زخمہائے عندلیب
از سنانِ غمزۂ گل گشت بلبل خستہ تن   مے تواں کردن ز جامِ گل دوائے عندلیب
صرصرے چوں بینوا کردہ است بلبل زار را   برگِ گل را می تواں کردن قبائے عندلیب
کشتی اش افگند در دریائے پُر امواجِ خوں   چوں شدہ بادِ خزانے ناخدائے عندلیب
تیغ بُرانِ خزاں ہر شاخِ گل اقدام ساخت   کز دواتِ گل نویسد نامہائے عندلیب
آب می ریزد ز دیدہ تا بر آید سبزۂ نو   تا زمردِ فرش گردد زیرِ پائے عندلیب
باد از بس ریخت خاک اندر میانِ بوستاں   باغباں آئینہ کن صاف از برائے عندلیب
باغباں پیش از بہاراں شاخہا زداز قلم   می کند نو آشیاں ترتیب جائے عندلیب

ولولہ اندر بہار انداخت مسکیں چوں خزاں
می رسد در گوشِ گل صد ہائے ہائے عندلیب

* * *

ٽل: واهه وا گلشن جي گلزاري، هڙ دم بلبل ٻولي ٿي.
1. گل جي ٽاري ترار ڪڍي ٿي، بلبل زخمي رت چولي ٿي.
2. گل جي ناز سان بلبل زخمي، جام دوا لاءِ ڳولي ٿي.
3. بي نوا بلبل آهي پريشان، پتين جا ڪپڙا ڦولي ٿي.
4. باد خزان آ، ناخدا بلبل، درياء رت ۾ ٻيڙي رولي ٿي.
5. ترار خزان جي قلم ٽاري ڪيا، مس خط لکڻ لاءِ ڪولي ٿي
6. اکين مان هاري پاڻي بلبل، فرش زمردين ٽولي ٿي.
7. هوا باغ ۾ مٽي پکيڙي، مالهي! بلبل آئيني اولي ٿي.
8. گهٽا گل پوکيا آهن مالهي، بلبل آکيري جهولي ٿي.
9. بهار ۾ ولولو وڌو خزان مسڪين! گل جي ڪن ۾ بلبل ٻولي ٿي.
10. ’مسڪين‘ خزان بهار بدليو بلبل هي هي هولي ٿي.

برآسماں ہلال زا بروئے یار ما است   روشن چو آفتاب مہِ روئے یار ماست
ہر غنچہ پردہ می درد از رنگ و بوئے او   شمس الضحیٰ چو طالعے از روئے یار ماست
از تکلق اوست بلبلے با نالۂ ہزار   آشفتہ جعد سنبلے از موئے یار ماست
از رنگِ اوست بلبلے با نالۂ ہزار   اندر گلابِ احمرے خوشبوئے یار ماست
قمری بگفت ہُو ہُو بہ مدحِ صنوبرم
سروے بحیرت از قدِ دلجوئے یار ماست

*

ٽل: سچ جهڙو روشن يار جو منهن آ، ابرو ڄڻ! چنڊ جي پهرين رات.

1. محب جي مهڪ سان مڪڙي ٽڙي ٿي شمس الضحيٰ آ يار جي ذات.
2. بلبل دلبر لاءِ دانهون ڪري ٿي، زلفن اڳيان سُنبل زير آ ذات.
3. رنگ رهبر جو نور نوراني، گل گلابي ڏين ڳاٽ.
4. مدح ۾ قمري هو هو ڪري ٿي، سرو حيرت ۾ ڪري هيهات.

حسنِ ملاحتِ تو جہاں راز سر گرفت آرے چناں گرفت کہ شمس و قمر گرفت
خالت چو دانہ ایست فتادہ بعارضت زلفت سرشتۂ زسراسر کمر گرفت
دیدیم دوش روئے تو پُر از حیا لے کیں عارضت دیباچہ از شور دفتر گرفت
اے دوست آنچہ تخم تو می کاشتی ز عشق آں شجر عشق باز بعالم ثمر گرفت
در تیغ ابرویت چو کشیدی شتافتی
جن و بشر ملک ہمہ غوغا لبم گرفت

*

ٿل: حسن تنهنجي قابو ڪئي ڪائنات، پڻ سج چنڊ تي قبضو آ.
1. تر ڳلن تي جڻ موتي داڻا، زلفن جو ڪمرتي غمزو آ.
2. حياءَ سان پريل چهرو تنهنجو ڳلن جو شهر ۾ شور ۽ غلغلو آ.
3. عشق جو ٻج جيڪو پوکيو پرين تو تنهن وڻ ڪائنات کي بخشو ميوو آ.
4. ابرو ترارن سان جڏهن ڪئي ’مسڪين‘ تي حملو جن ملائڪ انسان رڙيو آ.

مئے راکہ جلوہ ایست ز انوار ایزدیست
مئے آنچہ راز فاش کند سرّ سرمدیست

نوشیدہ ام شراب کہ گویند بدتر است
کے می بود خراب زمیخانہ او حدیست

شربِ ریا کہ اہلِ ریا را نصیب باد
وآں لذت است خام نہ مارا براو ضدیست

ہرگز نمے بہ گنجد ہجرت بجانِ ما
شوقِ شراب جلوۂ بالاتر از حدیست

ایں زخم ہیچ بہ نہ شود از دوا حکیم
مطلوبِ لطفِ تست کہ مسکیںؔ پراز بدی ست

*

تل: الله جي نور جو جلوو مئي ۾ عشق جو سرمدي راز بہ ظاهر آ.

1. شراب پيتو اٿم چون خراب آ، وحدانيت کان نہ ٻاهر آ.
2. ريا جو شربت ريا وارن لاءِ، مست ڳالهينُ مان ماهر آ.
3. روح ۾ جاءِ جدائي جي ناهي، منٿ وصال جي واهر آ.
4. دوا حڪيم جي زخم نہ ميٽي، ’مسڪين‘ لطف جو طالب ظاهر آ.

دیده ام در دستِ ساقی ساغرِ سرشار مست
گشت از لعلِ شرابش خانۂ خمار مست

دوش مے دیدم بکوئے ساقیِ گلفامِ من !
از قدِ دلجوئے او ہر کافر و زنّار مست

از نسیمِ عطرِ بویش راحت افزائے جہاں
از عشقِ من و حُسنِ تو ہر قصہ کہ مے رفت   از بلبل و پروانہ و گل و شمع شنیدم
ایں خون رل و دیدہ کہ ہم رنگ حنا شد   با رنگِ حنا بر کفِ پائے تو رسیدم
از خاکِ سرِ کوئے تو بر زعمِ رقیباں   ہرگز نتواں رفت کہ سر باز شہیدم

مسکیں بکشم پلّے ارادت ز درِ او
من پیرِ مغاں راز سرِ صدق مریدم

*

ڪافي

تل: پسي ديدار دلبر جو لٽا ليڙون ڪيم هاڻي.
1. ٽُنهنجي قيد زلفن ڪيو قابو جيئن پڃري منجھ مرغابو،
گهڻو تڙپيس نہ ڪامياب تيليون تاڙيون ڪيم هاڻي.
2. اميدن جو رکي ناتو دامن سان دل آ لاتو
پرين سان پيچ آ پاتو چَسان چيڙون ڪيم هاڻي.
3. شيرين شهد سوين شربت، نٿا بخشن مون کي فرحت،
لڳن لب لعل جي محبت، مزا ميڙيون ٿين هاڻي.
4. حسن سان عشق آ منهنجو قصو بلبل ڪيو گل جو
شمع پروانن ڪيو پنهنجو پتنگ سڙيو آهي پاڻهي.
5. اکيون مينديءَ رتيون روئن، ڪريو قدمن هيٺان پون،
رليو رقيب رڙيو روهن، ڳراڙيون ڳل ڪيم هاڻي.
6. گهوريندڙ سر شهيد آهيان، ’مسڪين‘ در جو مريد آهيان،
حزب الله زر خريد آهيان، رڙيون راڙون ڇڏيم هاڻي.

احوالِ غم و قصهٔ ہجراں بکہِ گویم
ایں درد نہاں است ز درماں بکہِ گویم
شرحِ ستمِ یوسفِ کنعاں بکہِ گویم
از نخوتِ بے رحمیِ اخواں بکہِ گویم
چوں ناوکِ دلدار ز کماں ابروئے صیّاد
در سینہ فرو رفت چہ پیکاں بکہِ گویم
خوں می چکد از دشتِ بلا از غمِ آشوب
غارتگریِ چند مسلماں بکہِ گویم
در جور و ستم عادتِ عشاق صبور است
از شیون و از نالۂ افغاں بکہِ گویم
از رنج و غمِ اہرمن بد منشِ دہر
ما موں صفت جز بہ سلیماں بکہِ گویم
آں سرے ست میانِ من و او شرطِ محبت
ایں سرے عیاں سازم و پنہاں بکہِ گویم
دیوانہ شدم پائے نہادم سرِ کویش
از ذالقۂ سنگ ز طفلاں بکہِ گویم
مسکیںؔ چو شبِ ہجر بتا زا سحرے نیست
ایں قصہ دراز است بپایاں بکہِ گویم

*

ڪافي

ٽل: قصو سورن جو اوريان ڪنهن سان اديون،
گهران دردن جو دارون ڪنهن کان اديون.

1. حضرت يوسف جهڙو ستم ڪير سهي ڪنهن تي ڪوهه اڇليو ڪو ٻيو ڪاتي ڪهي
اهڙا ڀلل ڀائر ڪنهن کي رحم نَهي، وڪيون ويهن روپيه سي بيڪار اديون.
2. ديڏون دلبر جون سيني سٿڪار ڪرن، قصه ڪربل جي اکڙيون رت رُون
عاشق ظلم ستم ۾ تا صبر ڪرن، راڙيون زاريون ڪريان ڀلا ڪنهن سان اديون.
3. دل ديواني بنجي وئي در دلبر جي، ٻهگڻ ٻارن هنيان ٻينر پٿر جي،
ڪيا ابليس خراب خيال خطر جي، اهي راز ظاهر ڪيان ڪنهن سان اديون.
4. هن جدائي جي حزب الله حد نه آ، ’مسڪين‘ محب ملي ٻي ڪا سڌ نه آ،
شرط محبت جو ٻيو مقصد نه آ، آ احوال ڏگهو ڏکيان ڪنهن کان اديون.

روئے یار یگانہ مے بینم	مہر و مہ بخانہ مے بینم
سرمۂ ناز را بچشم کشید	زلف و چنگے بہ شانہ مے بینم
چشمِ چوں نرگسے بشیوۂ ناز	پُر فسون و فسانہ مے بینم
ساقی و شاہد و شرابِ طہور	عود و چنگ و چغانہ مے بینم
بصراحی و جامِ او ہر دم	صد شرابِ مغانہ مے بینم
گفتا مروز را لبغز دا گیر	شوخ را پر بہانہ مے بینم
مرغِ دل را کہ در قفس دارم	غمزات را نشانہ مے بینم
حلقۂ زلف و دورِ خالِ سیہ	دام را گردِ دانہ مے بینم
ذات پاکش ز فکر موہوم است	عکس را جاودانہ مے بینم
زلفِ او دامِ دارِ عالم شد	خالش از مشک دانہ مے بینم
دل کہ از قیدِ زلف بروں شد	مرغِ بے آشیانہ مے بینم
ہم بدورِ مہ رخش ہر دم	شورش اندر زمانہ مے بینم
دلق را قطعہ قطعہ مے خواہم	سبحہ را دانہ دانہ مے بینم
معجزاتِ پیمبری از وے	حملۂ حیدرانہ مے بینم
خلق اندر نمے دہد مارا	خویشتن را بخانہ مے بینم
یاد کردن غمِ حسود چہ سود	کہ ورا بیکرانہ مے بینم

حرف حرفِ مجتش مسکیں
دمبدم داستانہ مے بینم

*

ٽل: يار جي صورت آ لاثاني، ذوق سان زيارت پيو ڪريان،
سچ چنڊ کان ٻيي سهڻو سائين، سڪ سان زيارت پيو ڪريان.
1. ناز جو سُرمون نيڻ نرالا، زلف کي ڦٽي پيو ڪريان.
2. نرگسي اکيون ناز شيوه، جادو فسانہ پيو ڪريان.
3. شراب طهورا ساقي مليو چنگ چغانہ پيو ڪريان.
4. جام صراحي جو فيض آ جاري، سو شراب مغانہ پيو ڪريان.
5. اڄ کي صبحاڻي سمجهہ چيائين، سدا شوخ بهانہ پيو ڪريان.
6. دل جو پکي جو پڃري بند آ، تنهن کي اکين جو نشانو پيو ڪريان
7. زلف ڪڙي ۾ ترجو داڻو داڻن ڀران ڪوڙڪي پيو ڪريان.
8. ذات پنهل جي فڪر کان مٿي آ، مرشد مرسل مظهر پيو ڪريان.
9. زلف جي جادو جهان موهيو تر جو داڻو مشڪ پيو ڪريان.
10. دل محبوب جي قيد مان نڪتي، بنا آکيري پکي پيو ڪريان.
11. زمانو گردش چنڊ جهڙو چهرو نسبت گولائي تڏهن پيو ڪريان.
12. ٽڪرا ٽڪرا گودڙي ڪري، پو تسبيح داڻو داڻو پيو ڪريان.
13. پيغمبري معجزا مرشد سائين جا، حملہ حيدر ڪرار پيو ڪريان
14. شراب محبت خلق ۾ خاصو هڪ جاءِ پاڻ نہ پيو ڪريان.
15. ساڙ حاسد جو ڇو ياد ڪريون، محبوب بي ڪنار پيو ڪريان.
16. محبت جي حرف حرف کي ’مسڪين‘، محبت جو داستان پيو ڪريان

دورِ بادِ خزاں گذشت و برفت   عہدِ فصلِ بہار مے بینم
نہ کسے کو بہ بیکسے سازد   از حسیناں خمار مے بینم
بہ گلستاں ز قربِ نا فرماں   لالہ را داغدار مے بینم
از برائے نظارۂ رویش   خلق در انتظار مے بینم
تیغ ابروئے یار عریاں شد   عالمے بیقرار مے بینم
آں کسے کو بدامنے برسد   مالکِ ذوالفقار مے بینم
اختیارم ز دستِ شد مسکیں
صاحبِ اختیار مے بینم

ڪافي

ٿل: جهلا جهولا جهلي جيڏيون، پسان پنهل پري ناهي.
1. بيڪس آهيان گهڻو بلڪل، ڪري نٿو پيار ڪو هڪ پل،
سهڻا خمار ۾ پل هَلُ بيوس هان ڀرجهلو ناهي.
2. باغن ۾ گل گلابي آ، تہ نافرمان گل پي آ،
لالہ گل کي تہ غم پي آ، سوا زيارت بلو ناهي.
3. ترار ابروءَ تياري آ، دنيا کي بيقراري آ،
دامن دلبر اجاري آ، مگر منتظر مليو ناهي.
4. جيڪي دامن لڳا دلبر، تنين پوريون ڪيون پرور،
’مسڪين‘ بي خود ڪيم هي سِرُ، رهيس مالڪ سِلو ناهي.

چوں صبا در جستجوئے زلفِ سنبل مے روم
ہمچو بلبل مست بوئے لالہ و گل مے روم

در چمن افتاں و خیزاں ہمرہِ بادِ صبا
از پئے نظارۂ او جانبِ گل مے روم

منزلِ دلدار ہم دور است رہزنِ در کمیں
راہ پر خوف است اما با توکل مے روم

مے روم بر مہر رویش تا شوم ہم منزلش
ہمچو مہ دنبالِ او منزل بمنزل مے روم

زورقم در لجۂ عمانِ حیرت ماندہ است
ناخدا تدبیر من فرما بساحل مے روم

اے دلیلِ منزلِ دلدار وقتِ ہمت است
زانکہ من برگشتہ ام از راہِ باطل مے روم

مرکبم لنگ است و راہِ دور و تنہا ماندہ ام
ہمرہاں رفتند من بسیار کاہل مے روم

رشتۂ الفت کشانم مے برد در کوئے دوست
دل کہ محو یار شد من ہم پئے دل مے روم

خیمہ گاہ و منزلِ جاناں نمی دانم کجاست
ہمچو مجنوں در ہوائے گردِ محمل مے روم

مے رسم بر منزلِ مقصود مسکیں زانکہ من
راست با ارشادِ لطفِ پیرِ کامل مے روم

*

ٽل: محبت مرشد ڏانهن ڇڪي ٿي، دل دلبر سان آهه لڳي.
1. روح جو رشتو آ رهبر سان، پر ڪري وئي دل ٿڳي.
2. باد صبا جان پڇندي ڪرندي، ديدار لاءِ پئي دل پڳي.
3. سياهه سنبل جي تلاش ۾ هان، مست بلبل جان آهه مڳي.
4. منزل دور آ ڏاڙيل دڳ تي، دل توڪل تي آهه لڳي.
5. درياءَ عمان ۾ ٻيڙي ڦاٿل، ناکئا ڪيئن ڪناري پڳي.
6. منهن روشن مٺي محبوب جو، خدمت ۾ پهچان منزل لڳي.
7. راهه جا رهبر همت ڪر هاڻي، رستو ڪري ٿو هاڻ ٿڳي.
8. پنڌ پري اڪيلو منڊي سواري، آرس جي آ گهڻي وڳي.
9. منزل مجنون خيمي خبر ناهه، ڏولي ليلا پٺي لڳي.
10. 'مسڪين' مقصد منزل پهتس، پير ڪامل جي لطف لڳي.

خوشا عشقِ تو آمد دستگیرم   جوانمردی کنم ہر چند پیرم!
بمحفل خندہا دارم چو ساغر   بہ بلبل در گلستاں ہم صفیرم
چو خوشتر زانکہ در ایام پیری   جواں بخت از کرامتہائے پیرم
مرا در ملکِ مستی بادشاہی است   مبرا از غمِ شاہ و وزیرم
مرا در کنجِ خلوت گوشۂ ہست   بزعمِ شیخ و زاہد گوشہ گیرم
زحرمِ دانۂ خالِ معنبر   بدامِ زلفِ مشکینت اسیرم
غمِ دنیائے دوں ہرگز ندارم   خوشم شاہِ طریقت را فقیرم
شہِ مالک رکابِ لافتے را   غلام و چاکرم منت پذیرم
سرِ داری مکن اے خصمِ بدخو   حذر مسکین حذر از زخمِ تیرم
اگر بر من غمِ دوراں بتازد   بتازم ساغر اندر دست گیرم
مرا با زیب و زینت مدعا نیست   نہ در فکرِ پلاس و نے حریرم
چو خاکِ جسم و جاں تخمیر مے کرد   بآبِ عاشقی کردہ خمیرم
پذیرم خدمتِ پیرِ مغاں را   سر از خاکِ درِ او برنگیرم

کسے از ہر دد عالم نیست مسکیںؔ
نظیرِ حسنِ یارِ بے نظیرم

*

ڪافي

ٿل: پوڙهو آهيان ته به جوان الا الله.
عشق توکي شابس ڏيان مان، تر نه توکان ڪا بس ڪيان مان.
1. محبت ملوڪن مون ڪي نصيب آ، بلبل گڏ گلستان الا الله .
2. خوش هان پيريءَ ۾ جواني ڪان جانب وو ڪرامت ڪلدان الا الله.
3. ملڪ مستيءَ جي جو مالڪ آهيان وو ڇڏي شاهي غلمان الا الله.
4. خيال خلوت ۾ حال جو مالڪ وو شيخ زاهد ڪن گمان الا الله.
5. زلف ڪاريهر خال جي خوشبو وو موهي ڪيو مستان الا الله.
6. غم دنيا جو نه دل مُنهنجي ڪي وو اتم فقيري شان الا الله.
7. عليءَ ولي رسول ڪريم جو وو آهي الله جو احسان الا الله.
8. دشمن رهه نه تون بي پرواهه دلا وو تير منهن جي ڪان ڪمان الا الله.
9. غمن مٿان مُنهنجي ڪيو جي حملو وو پيالو هٿن سان هڻان الا الله.
10. ناهيان طالب زيب زينت جو وو ريشم پٽ نه پهريان الا الله.
11. جان جسم جي جڏهن مٽي تي ملايئي وو عشق جي پاڻي ڳوڻان الا الله.
12. خدمت مرشد جي تن ڪي نصيب ٿئي وو سِرُ دَرِ خاڪِ ڏريان الا الله.
13. حُسن حزب الله ’مسڪين‘ محبوب جو وو مٽ نه هر دوجهان الا الله.

از ازل عشق و محبت را تحمل داشتم   زاده ام عاشق شدم زادِ توکل داشتم
ہمچو قمری پیش سروے ہمچو بلبل پیش گلِ   سجده کردم جام را آواز قلقل داشتم
شام رفتم در چمن دیدم کہ یار آمد بسیر   تا سحر گہ گوش بر آوازِ بلبل داشتم
گفتمش بنشین دا احوالِ دلِ زارم بپرس   بر نشست و گفتگو فرمود در دل داشتم
گفت اے تو لیستی لیکن ہزاراں ہمچو تو   بستۂ زنجیرِ گیسوئے مسلسل داشتم

گفت آخر دلنوازت باشم و دلدار ہم
پس مگو مسکیں زامیدت تغافل داشتم

*

ڪافي

ٽل: عشق قبوليم عاشق ٿيم، محبت مُنهنجو آ ترهو توڪل.

1. قلقل قمري بلبل اڳيان، سجدو ڪيرُم دامن لڳيان،
سير تي نڪتو آهي سهڻل.

2. يار چمن ۾ سير تي آيو بلبل ٻولي شور مچايو
ڪن ڏئي ٻڌان پيو ٻولي ڪوئل.

3. ويهہ پرين ٻڌ حال هيٺي جو هڪ نہ هزارين سورن پيٺي جو
سور سٺايان سڻ تون مسلسل.

4. محبوب مرڪي چيو تون ڇا آهين، لکين تو جهڙا ليڙا پائين،
زلف جي زنجيرن ۾ زور هن زڪڙيل.

5. حزب الله آخر ٿنهنجو مان آهيان، دوست اي دلدار آس نہ لاهيان،
'مسڪين' چئُ ناهيان مان غافل.

الٰہی تیغِ نظمم را بحمدت آبداری کن مرا از بادۂ فیضِ ثنائے خود خماری کن
نریزی آبرویم را بہ پیشِ خلق اے خالق! رخم را از کرم مانندِ گلہائے بہاری کن
ندارم احتیاجِ تاج و تخت و بادشاہی را مرا سلطانِ ملکِ فقرِ شہرِ خاکساری کن
ندارم تاب جنگ و انتقام از مردمِ عالم صلاحم بخش جانم را بہ شہرِ بردباری کن
ز عصیاں روسیاہ و شرمسارم در جنابِ تو ز فضلِ خود عطا بر من براتِ رستگاری کن
درین دہرِ دغا جز خودپرستی نیست کارے من تنم را از لباسِ خودپرستی پاک عاری کن

الٰہی رحم کن بر حالِ زارم باقی مسکین
ز غیرِ خویش بر آتش بہ عشقِ خویش یاری کن

*

غزل

ٿل: يا الاهي حمد پنهنجي سان مون کي نروار ڪر،
فيض سان نواز سائين، نظم و ثنا ۾ خمار ڪر.
1. خلق ۾ خالق سائين، آبرو رک ڪر نه خوار،
ڪرم پنهنجي ساڻ منهنجو منهن پلو بهار ڪر.
2. تخت و تاج شاهيءَ جي، ضرورت ناهه ڪا مون کي،
بس فقيري جي شهر جو خادم و خاڪسار ڪر.
3. نٿم طاقت لڙائي جنگ، ماڻهن سان مقابل جي،
صبر جي صلاحيت سان، نيڪ ۽ بردبار ڪر.
4. گناهن جي ڪري عملن جو دفتر ڪل ڪارو آ،
فضل پنهنجو خود عطا ڪر، ڪيم شرم سار ڪر.
5. دنيا جي دغابازي ۽ دوکي سان نه ڪم منهنجو،
خود پرستي کان خدا رک، پاڪ رک ۽ عار ڪر.
6. حال هيڻو آ رحم ڪر، رب هن 'مسڪين' تي،
غير جي باهه کان بچاءِ، عشق پنهنجو يار ڪر.

آیا سزا است در رہِ جاناں گریستن　　از سرِ صفا وصدق وز ایماں گریستن
پس بیں بجاست از سرِ فرقت شرابِ خواہ　　دائم بیادِ ساغرِ رنداں گریستن
دُر می شود بجانِ صدف قطرۂ صفا　　دارد چہ نفع ابرِ بہاراں گریستن
بنگر صبا چہ لذتِ ہنگامۂ سحر　　وہ وہ بیادِ لعلِ عذاراں گریستن
مسکیںؔ کہ می گریست ز عشق فسوں گری
آموخت ز دستِ برچہ بالاں گریستن

*

ٺل: صدق صفا سان عشق ۾ روئڻ، ايمان جي ئي نيشاني آ.

1. فراق جي خيال ۾ ساغر سوالي، رند شراب جو شاني آ.

2. موتي ٿهي ٿو سپ ۾ قطرو، باقي برسات تہ فاني آ.

3. اسر جي آلاپ باد صَبا سُڻ، لال رخ محب لاثاني آ.

4. 'مسڪين' عشق ۾ روئڻ رڙڻ، سکڻ ڪکر کان آساني آ.

دردِ ما غم دوش آمد بوئے وصلِ گل رخاں   ہمچو بلبل ماندہ ام با آہ و زاری و فغاں
عندلیبِ مردہ جانم زندہ مے سازد مسیح   ورنہ فرماید کہ از باغِ وصالم گلستاں
بسکہ از یکدانہ گوہر چہرۂ مہر و خوش است   طائرِ جانم اسیر اندر خمِ گیسوئے آں
از سرِ جورِ رقیبِ سگ صفت دیوے نژاد   دست خواہم زد بدامانش پئے امن و اماں
چوں نقاب آورد و بالائے زر دستِ خویشتن   برفتاد آں شعلۂ رویت بفرقِ آسماں
درمیانِ غبغبت پیدا شدہ چشمۂ حیات   ابرویت بنوشت صورت نون حرفِ جاوداں
کس اگر پرسد جوابش دہ ز احوالم خراب
بلبلِ مسکیں بنالد چوں ز فرقتِ دوستاں

*

تل: شيطان ڪتي کان بچاءِ باري، ظلم ڪري ٿو زورئون زور.
امن امان لاءِ دامن پڪڙيم، غرق ڪريس يا زنده گور.

1. خوشبوءِ دلبر جي دماغ ۾ آئي، آهه زاري ڪيم اورؤن اور.
2. باغ وصال جو گل گلستان، مردا زنده ڪندو مرشد مور.
3. صورت مرشد جي هيرا موتي، ساهه قابو ڪيو زلفن زور.
4. رخ جي تجلي مٿي فلڪ کان، پردو پنهل ڪومنهن کان سور.
5. غبغب چشمو آب حيات ٿيو ابرو صورت نون نسور.
6. 'مسڪين' پڇي ڪو حال هيٽائي، دوست سوا آ دل تي تور.

ساقیِ از گلگونہ مے یک ساغرِ سرشار کن
از دو لب یک ساغرے از بہرِ این بیمار کن

جرعہ دہ قلب را پس واقفِ اسرار کن
سرنوشتِ عشقِ من باشد اگر اندر حجاب
نقشِ عشقم را نوشتہ بر در و دیوار کن
چند ناوک می زنی و چند می سوزی بخشم
حالیا فکرے برائے مرہمِ افگار کن

*

ٽل: پري ڏي پي لبن لائي، ساقي پيالو بيمارن کي،
عطا ڪر هڪ شراب پيالو گلرنگ غازي ويچارن کي.
1. لڪل منهن جي عشق جو لکيو اگر آهي ڪٿي اهڙو
در و ديوار تي لکي ڇڏ، حجاب ناهي حبدارن کي.
2. هڻندين تير ڏيئي جهير، ٿي ناراض ساڙيندين،
ڪري رحم رکي مرهم، ڇڏاءِ هن نڪارن کي.

خواستم تحریر سازم نام سوئے دوستاں
مضطرب گردید دستم کلک گشتہ خوں نشاں
کز بہارِ حسنِ او چوں الوداعے کردہ ام
ہمچو بلبل بے نوایم اندریں بادِ خزاں
آنچہ میدارم نہفتہ رازہائے آں صنم
خفیہ رازِ من کجا دانند اہلِ بیدلاں
آنکہ بر رویش ہویدا شاہدِ معنی شود
پیشِ او با ایں جہاں نخرند حسنِ گلرخاں
شورش از جنبش ہمے دارند مسکیںؔ بلبلاں
بایدت یکدم بیاسائیؔ ازیں شور و فغاں

✶

ڪافي

ٿل: پار پرين جي پيغام لکڻ کان دل ٿي دهڪي،
ڪلڪ ڪنيم ڪجه ته لکان قلم کان رت ٿي ٿهڪي.
1. حسن کي الوداع ڪيئن ڪيان، سهڻ جئ طاقت ناهي،
خزان جا خراب ڪمڙا ڏسي، بلبل باغ ۾ ٻهڪي.
2. دل ۾ راز دلبر جا، مخفي مان ئي چاٽان،
سرت نه جنهن کي سهٽل جي، سڙيل سوئي سهڪي.
3. گهوٽ کان سڀ گهٽ آهي، هر دوجهان گل رخ جي،
صورت مبارڪ معنيٰ، سڀ حقيقت مهڪي.
4. حسن پسي حضرت جو ڪر آرام حزب الله،
بلبل بس ڪر نه رڙيون ‘مسڪين’ ماندو نهڪي.

کے قدم لافی زند در وادیِ مجنونِ من — موج زن گردید در پائے غزالاں خونِ من
تیز ابروئے بر آں دلبرِ گلفامِ من — مردمکِ چشمِ من و خونِ من و جیحونِ من
آتشِ ہجرم کہ جانم می کند ہر دم کباب — طاقتے ہرگز نہ باشد در چراد چونِ من
کارہائے از شرر باری نماید دمبدم — کامیابی کے شود از چرخِ گردش دونِ من
ساربانان یک قدم بیجا ز رہ ہرگز مرو — چند گم گر دید محمل اندریں ہامونِ من
بیں کہ لیلےٰ را بیکدم ز آتشِ سوزِ فراق — می کند از پردہ بیروں شیونِ مجنونِ من

عاشقم مسکیں د کارم راست ہر دم غم کشی
ہیچ دل را رہ نباشد با دلِ محزونِ من

*

ڪافي

ٿل: لاف تي ڪاف ڪير هڻي، مجنون جي محبت جي
منجهه قدمن موج هڻي خون منهنجو غزالت جي.
1. تير اکين جي دلبر، تن من موهي وڌو
اکين مان نديون جاري، بر بحر آ رت رت تي.
2. جاني جدائي جي باهه، ڪباب ڪري ٿي هردم،
صفا ڪانهي مون ۾ ڪا، چون چرا طاقت جي.
3. هن صحرا ۾ سنگتون، ڪئين ٽولا گم ٿي ويا،
رستو ساري هلجو وک نه ٻاهر جت جي.
4. آسمان ۾ شور دم دم ٿو ڪري ثاقب شهاب،
تيندي ڪاميابي ڪيئن، مون قتل قسمت جي.
5. سوز فراق جي آتش، ڪڍيم رڙيون قلب منجهان،
تڏهن ته ليلا نڪري، نظر ڪئي شفقت جي.
6. هردم غم سهه 'مسڪين'، عاشق آهيون اُن لاءِ،
حزب الله دل غم ناهه، سهڻ ذري همت جي.

این غزل پیش از وصال برائے اطلاعِ دل آگاہان القا فرمودہ بودند

ز اشکِ لالہ گوں گردیدہ دامن لالہ زارِ من زمن صد آفریں بادا بچشمِ اشکبارِ من
بسے سرو و صنوبر رست در عالم ولے مارا بس است اے باغباں آں قامتِ دلجوئے یارِ من
دلِ زارم اسیرِ دام کردی وکجا رفتی خدارا اے بُتِ بیباک بنگر حالِ نزارِ من
بیک جلوہ دو صد زخمے زدی زاں غمزۂ تیرت چرا رحمے نہ کردی بر دل و جانِ فگارِ من
چنیں در پنجۂ ہجراں دلم آزردہ چوں داری بکش بایک نگاہے مختصر کن کار بارِ من
بیک ساعت بہ بردی مایۂ پنجاہ سالم را بیک دیدن ربودی دانش و صبر و قرارِ من
بجز خونِ جگر ہرگز غذائے دل نمے باشد چہ خوش پروردہ گشت ایں طفل در جیب و کنارِ من
نگارا چند زیں جور و جفایت بر سرِ مسکیں
بترس آخر ز آہ و نالہائے پر شرارِ من

*

ڪافي

ٿل: لک مبارڪ تن اکين کي، لڙڪ هاريندیون رهيون،
ڳل تان ڳوڙها بس وسن ٿا، دامن پسائيندیون رهيون.
1. ڪيئن ڪروڙين سر و قد، صنوبر ڦٽا دنيا اندر،
بس آ اي باغبان، سَر و قد يار ساريندیون رهيون.
2. قيد دل منهنجي ڪري، ڪيڏهن وئين محبوب تون،
نظر ڪر ڪا نانءَ رب جي، نماڻيون نهاريندیون رهيون.
3. زخم ٻه سئو هڪڙي جلوي سان ڪري وئين ساهه کي،
ڦٽيل هن دل جي ڦڪي لئه، ٻهڳڻ ٻاڪاريندیون رهيون.

4. ڪهي قصي کي ڪر ختم، دم بدم ڏک ٿو ڏئين،
اشڪنجي ۾ دل اڙي وئي، اکڙيون ويچارينديون رهيون.
5. هڪ جهلڪ سان هڪ گهڙي ۾، زندگي لالڻ لُٽِيئي،
ورهيه پورا پنجاهه تائين، توکي پُڪارينديون رهيون.
6. دل جي غزا خون جگر آ، ڪيئن ٻال مون اهو پاليو
رحم نه پَيئِي هڪڙي رتي ڪا، توکي تنوارينديون رهيون.
7. هي ڏاڍايون ظلم آخر، محبوب ڇو ‘مسڪين’ تي،
آه زاري ڇٽنگ ٻاري، دک کان دانهينديون رهيون.

کس نیست دیدہ ردیت اے یار دیدہ ام من
پیوستایم باتو از جہاں بریدہ ام من
تو شہسوار خوباں بخدا عناں بگرداں
دنبالِ توسنِ توچہ قدر دویدہ ام من
زشبینہ محفلِ تو دزہم رہی رقیباں
بکہِ گویم ایں سخن رازِ کسے شنیدہ ام من
بمحبتِ دلِ من بجفا وجورِ عشقت
پیدا نہ کردہ ام من نہ آفریدہ ام من
خالِ رخِ تو دیدم شیداو والہ گشتم
خطِ بندگیِ عشقت بجبیں کشیدہ ام من
بہرِ خدا بیا و بنگر بحالِ مسکیںؔ
ایں دامن وگریباں درغم دریدہ ام من

✻

ڪافي

ٿل: يار سان ناتو ڪنهن نہ سڃاتو،
ڦرين پيچ پاتو ڇڏي دنيا ساري.

1. واڳ ولهيءَ ڏي خدا لڳ واريو شهسوار سهڻا مٺي رکي نہ ماريو،
هن ڏاڍ ظلم کان مُنهنجي زاري.
2 تنهنجي راتو ڪي رقيبن سان محفل ڪنهن کان ٻڌيمون ڪيان ڪنهن سان پلپل
تُنهنجي عشق محبت ڳلتين ڳاري.
3. رخ انور تي ڏسي تر جو تجلو ٻانهپ قبوليم تُنهنجو آهيان گدلو
دلڙي چري تي بڻي بي اختياري.
4. ٻهر خدا آ ڪر مهر ’مسڪين‘ تي، نظر ڪر ڪا دامن گير تي،
حق مليو حزب الله بازي نہ هاري.
5. مون نہ پيدا ڪيو ظلم تنهنجي ڪي، ڏاڍ ڏيکارين عاشق پنهنجي ڪي،
تہ بہ دل جي محبت رکندس جاري.

چوں ماہِ پیکر گل بدن آید بتسخیرِ چمن   از جنبشِ دامن شدہ برگل قبائے پیرہن
گردوں کجا تاب آورد با خنجرِ خونخوارِ او   چوں بلیکے ایمائے ادا ایں ماہ آمختہ تن
آں مہ گہے جولاں کند صد مرد را حیراں کند   چوں تنگ برگیرد قبا چابک سوار ایں چست تن
از نشۂ بنغش لبے افتاد از نظارگاں   نظارہ کردند چوں برگلرخت برگلبدن
بر باغباں سد آفریں خوانند مسکیں بلبلاں   آنگہ کہ سرو آزاد را بنشاندہ برتختِ چمن
صد سالِ ایں امید را در دل نہاں مے داشتم   باشد کہ گیرد در بغل مارا نگارِ سیم تن
غیر از تملق جانِ ما بس با حلاوت می برد   زہرِ ہلاہل می دہد با قند و با شہد و لبن
گردوں اگر بیرحم شد باشد ہمیدوں گو مباش
مردِ خدا رحمت کند بر حالِ مسکیں خستہ تن

*

ٽل: خوني خنجر هن نيڻ پنهل جا، جهلڪ سان چنڊ تو ٽڪر ڪري،
زماني ڪي ڪهڙي طاقت آ، مقابلي جو فڪر ڪري

1. گل بدن اندر چمن، چنڊ سهڻو سير تي آيو
تڏهن دامن جي جنبش کان گل ٻٽيا پهراڻ ڪري
2. چست چالاڪ محبوب منهنجو سڪ تو سندرو ٻڌي،
جوش جولان سان مرد سوين هڪل سان حيران ڪري
3. گلبدن گل رخ محب جي زيارت ڪندڙن زيارت ڪئي،
بس نشي بي غش ڪيا ڪيئي ڇڏيئہ بي ڪس ڪري
4. باغائي باغ ٻاري ۾ سرو سڌو ٻيهاريو
مسڪين بلبل ڪي سوين ڀيرا شاباس ڏني سڌ ڪري
5. دل جي اميد هئي سَوَنِ سالن کان پوري ٿيندي يا خدا،
محبوب منهنجو مون کي پنهنجو هيڪر منجهہ ڀاڪر ڀري
6. مٺڙي مجلس سان اسان جي دل ويو دلبر ڪٺي،
زهر قاتل جي ڏيندو ماکي مصري کير پيان مٺو ڪري
7. ٻل هجي بي رحم زمانو پو ٻلا هي ڇا ڪندو
'مسڪين' قتيل دل تي رحم تو خدا وارو ڪري

بر فلک چوں ماہِ من نو سالہ مے آید بردل
در چمن شبنم ز روئے لالہ مے آید بردل
بر رخِ زیبا بگردِ گل عذارش خط دمید
گردِ مہ ہمچوں غبارِ ہالہ مے آید بردل
صبحدم بر تختِ شاہی آمدہ چوں ماہِ من
صد گہر کز چشمِ من چوں ژالہ مے آید بردل
چوں سمندِ تند جولانش بگیتی کس ندیر
از سرِ صحرائے دکوہ ہے نالہ مے آید بردل
از برائے جستجوئے دلبرِ رعنائے من
از در و دیوار مسکیںؔ نالہ مے آید بردل

✱

ڪافي

ٽل: نئين سال جو مُنهنجو چنڊ، فلڪ تي جهلڪ ڏيکاري ٿو،
فلڪ تي جهلڪ ڏيکاري ٿو گلن تي شبنم هاري ٿو.

1. سهڻي ڳلن تي ساوڪ ساري،
چنڊ چارئي طرف اجاري ٿو گلن تي شبنم....
2. تخت شاهي تي ماه لقا آيو،
سوين ڳوڙها ڳريل ڳاري ٿو گلن تي شبنم....
3. گهوڙي جهڙا جولان جاني جا،
زماني ۾ پٽ پهاڙ رواري ٿو گلن تي شبنم....
4. بي اختيار ٿيا در ديوارين،
دلبر ’مسڪين‘ کي ماري ٿو گلن تي شبنم....

چونکه یارم روئے از پرده حجاب آرد برون
گرم بازاری بتاں را از حساب آرد برون
سیل چشمِ عاشقاں هر جا که روئے آ درد
طینتِ هر سنگِ خارا را آب آرد برون
عشق بازی جان بازی مے بود ایدل بباز
یوسفِ مصری زلیخا را بخواب آرد برون
از سرِ دنیا و عقبیٰ بگذرم در کوئے دوست
زیں همه رنج و عناد آں شیخ و شاب آرد برون
بهر مسکیں تشنهٔ از جوئے لبها لعل فام
یک سخن جاں بخش چوں درِ خوشاب آرد برون

*

ٽل: اي دل عشق کي راند نہ سمجهہ، سر ساهہ قربان ڪرڻو آ،
مصر جو يوسف خواب زليخان، پيار ۾ ٿي پاڻ پسڻو آ.

1. پردو حجاب جو يار هٽائي، منجهہ گرم بازار گهرڻو آ.
2. ڳوڙها ڳاڙيندڙ عاشق جي اک، پٿر دل پاڻي ڪرڻو آ.
3. دنيا عقبيٰ ڇڏ وساري، گهٽي گهوٽ ۾ گهمڻو آ.
4. لفظ لال لبن جي ندي مان هڪڙو اچايل 'مسڪين' کي ملڻو آ.

کز دو ابرو یارِ من محراب مے آید بر دل
جوئے خلدش را ز لب او آب مے آید بر دل

دیدہ ام من از درِ میخانۂ اہلِ صفا
قاضی و مفتی و شیخ و شاب مے آید بر دل

ایکہ مے گریم بروز و شب ز فرقت چوں کباب
از شرر باری ز سنگِ آب مے آید بر دل

موجِ چشمِ خوں فشانِ من کہ بے پایاں بود
از گہر باریِ من سیلاب مے آید بر دل

ہر کہ در رہِ عشقِ او قطراتِ سوزاں دیدہ ریخت
بہرِ او صد گوہرِ سیراب مے آید بر دل

از دلاویزی نما تا بہرِ مسکینِ خراب
زلف پر پیچ و خم و پر تاب مے آید بر دل

✵

ٿل: خدا وارن جي دروازي تي، سدا رهن ٿا عالم قاضي،
جوان پوڙها ڪئي اچن وڃن ٿا، رب رهي ٿو تن سان راضي.

1. يار جا ڀِرُون محراب ڀانيان، نهر جنت لب تان تازي،
2. ڪباب جيان سڙان پچان او سائين، رڙيون ٻڌي تي ميچ ڪا آزي،
3. رت وهائن ٿيون اکيون منهنجون، موتي وسن ٿا سيلاب سازي،
4. عشق ۾ عاشق ڳوڙها ڳاڙي، آبدار موتي ڪٽي ويا بازي،
5. ’مسڪين‘ لاءِ پر پيچ زلف جا، ڪڏهن ڪندين ڪا دل آ ويزي،

سرِ حدیثِ عشق تو گفتن نمے تواں
رازیست در دلم کہ نہفتن نمے تواں
چوں نقشِ پائے بر سرِ کوبت نشستہ ام
دیگر مراں ز کوئے کہ رفتن نمے تواں
در گریہ کہ دست دہد خندہ مراد
ہر اشک گوہری است کہ سفتن نمے تواں
احوالِ دردِ ہجرِ تو و قصہ فراق
بہ دو صد ہزار نامہ بگفتن نمے تواں
اے بوالہوس بدام فریب و دغا و مکر
آں آہوئے رمیدہ گرفتن نمے تواں
از انفعالِ لعلِ لب و روئے چوں گلت
لب بستہ است غنچہ شگفتن نمے تواں
شرحِ بیانِ درد و غم و داستانِ ہجر
مسکیں خموش باش کہ گفتن نمے تواں

کافي•

ٿل: ظاهر عشق جي ڳالهه ڪري نہ سگهان،
ڳجهو راز دل ۾ سو ڏري نہ سگهان.
1. ثابت قدم بيٺو هان دروازي تي،
ڏِڪ نہ در تان، ٻي در گهاري نہ سگهان.
2. جنهن روئڻ تي راضي ٿئين تون دلبر،
ان ڳوڙهي جي ڳالهه ڳرهي نہ سگهان.
3. غم درد فراق جا دفتر ڪئين،
لکين خطڙا لکان تہ پري نہ سگهان.
4. دغا مڪر فريب جي سڌ نہ آ،
ٿاهڙ هرڻ ڪري تہ، هري نہ سگهان.
5. منور منهن پسان لب لعل سهڻا،
غنچا گل مکڙيون مان مڙهي نہ سگهان.
6. ’مسڪين‘ مشڪل ڏاڍو درد جو داستان،
حِزب الله ماٺ ڪريان تہ ڪري نہ سگهان.

• طرز: جانب موهيو مون کي آرخڪسار ٿنهنجي.

گر بگلشن پا نهد آں رشکِ بستانِ چمن!   غنچه از شادی بخندد گل بدرد پیرهن
ترکِ من خوش می خرامد خلق میگوید که اوست   رهزنِ دینِ مسلماں وز دکیش و اهرمن
کاکلش زنجیرِ پائے عاقل و دیوانه است   نرگسش زاهد فریب و حیرتِ هر مرد و زن
چوں سلیماں در گلستاں بهرِ چترِ سایه اش   بال و پر باهم گرگسترند مرغانِ چمن
می دهد حکمِ قضا آں خاتمِ معجز نما   گاه در دستِ سلیماں گه بچنگِ اهرمن
در گلستانِ جهاں رفتم ندیدم همچو او   سرو قد گلگوں قبا و غنچه لب شیریں سخن
راست می گویم که شد حیراں ز چشمِ مستِ تو   نرگس اندر بوستاں و هم غزال اندر ختن
از رخ و زلفِ بتاں وز قبرِ جسمِ عاشقاں   لاله و گل بر دمد هم طرفه تر خیزد سمن
نونهالت بارے آرد بکامِ عاشقاں   لیمو و نارِ پستاں پسته لب سیبِ زقن
زلفِ مشکینت کمندِ آهوئے صحرا بود   شد فریبِ عابد و زاهد چشمِ پُرفتن
زود خشم و سست مهر و بیوفا و دلفریب   حیله جو، مکار خو، جادوگرِ بسیار فن
مهر و مه بی پرتوِ رویت نگیرد روشنی   هم شگوفه بے هوایت نے بخندد در چمن
چشمِ بدخواهِ ترا در خاک و خوں خواهم مدام   بر سرش جمع سگاں بر سینه اش زاغ و زغن
همچو بر خاکِ کویت عالمے دارد قرار   عاشقانِ روئے تو بسیار آلمانے چوں من
مفتیانِ عشق اے مسکیں چه فتویٰ داده اند
عیب جویانِ وفا را لازم گردن زدن

*

تل: هر فن مولا حضرت مُنهنجو دل ڦرينڌڙ بي وفا.
آه نجومي سخت حيلا گر، جملي جادوگر جلوي نما.
1. ٽورٽلي جڏهن مور ٿو مُنهنجو جڻ دين سان ڪئي ڏاڙيل دغا.
ڪاڪل ڪلهن ڪيا دانا نادان، ڇڏيا مرد زالن ڏسي نيڻ نفعا.

2. صفون ٻڌي جڏي پکي ويهن ٿا، پَرن جي ٿا ڪن ڇانو صفا،
ڏس مُنڊي جا معجزا منٿرا ڪڏهن جنن آ سليمان سا.
3. ڏٺم دنيا ۾ مٽ ناه دلبر، ٻول پرين جا شهد شفا،
حيران هزارين هرڻ ءِ نرگس ڪيا اک انهي جي ڳئِين دفعا.
4. قبر منجان گل لاله ڦٽندا، عاشق تصور تنهن جي رخا،
عاشق جي لاءِ منهن آ ميوو صوف ڪاڏي آ لب پستا.
5. زلف زعفران ڦاهي هرڻ لاءِ، اک عابد زاهد لاءِ ڏاڙهون ڏڦا،
سج چنڊ روشن جلوي تنهن جي، نڙي نه مکڙي ڪو گوشا.
6. رت ۾ تڙپي رقيب تُنهنجو مٿي مليندو رهي مدام،
مغز جنهن جو ڪتا کائن، ڪيڏي ڪليجو ڪل ڪوا.
7. در جو عاشق عالم سارو پر، مون وانگي ڪي ٿين نه ٿا،
قتل واجب آ عشق جو دشمن ’مسڪين‘ مفتي جي واه فتويٰ.

* * *

ڪافي

ٿل: تن مفتين نان صدقي جن فتويٰ ڏني آ،
عشق جي گلا خور جِي گردن ڇني آ.

1. تنهن دشمن دلي جو قتل واجب آ،
ڪارائڻ ڪتن کي فرض لازم آ،
سدا رت ۾ تڙپي، جنهن ڪئي دشمني آ.

2. سڙي عشق تي جنهن جو سينو سدائي،
رهي قلب تنهن جي ۾ ڪينو ڪڌائي،
اهڙو هيانءَ ڪانءَ کائن بکيون ڀُني آ.

3. آل علي جو دشمن ڏسين جنهن جاءِ تي،
جيئرو جلاءِ جلدي جهنم جي باهه تي،
دٻائيس ڌرتيءَ اندر اي آسمان انهي آ.

4. مفتيانِ عشق اي 'مسڪين' چه فتويٰ شيرين سخن،
عيب جويان وفارا لازم گردن زدن،
عاشقان روئي تو بسيار هي قُم بِاذِنيَ آ.

فاتحِ دزِ خیبر سرشت و پہلوانِ شیرگیر
شہریارِ کامگار و شہسوارِ صف شکن
چرخ دارد جامۂ نیلی ز بیدادِ حسین
زُہرہ را زَہرہ پُر از خونست از زہرِ حسن
اے فلک ہر جا کہ بینی دشمنِ آلِ علی
خصمِ آلِ مجتبیٰ را زندہ در گورش فگن
سنگِ در کاں از شعاعِ روئے ہمچو آفتاب
یا شود یاقوتِ احمر یا عقیق اندر یمن!
در چمن امشب کہ بادِ شُرطِ نوروزی وزید
بلبلِ خنیاگر در رقص شد سرو سمن
حسنِ مہر و مہ چو سنجیدم بہ میزانِ قیاس
زاں میاں ہرگز یکے نبود نظیرِ یارِ من
از سرِ تسخیر افسونہا بود بیروں بلے
مہرۂ خالِ تو دارد مارِ زلف اندر دہن
عشق در زیہا نماید عاشقِ دلدادہ را
یا غریبِ بے نوائے یا شہیدِ بے کفن
ہر سحر بر یادِ روئے چوں گلت نالند زار
عاشقِ بے خانماں و عندلیبِ بے وطن
زلفِ مشکیں رشکِ سنبل روئے رنگیں چوں بہار
لعلِ شیرینت عقیق و پُر گہر درجِ دہن

*

ٽل: اولاد علي جا دشمن، جيئرا پوريو جتي ڏسو
درگاهه دلبر جا دشمن جيئرا پورو جتي ڏسو.

1. ڪنڌ ڪلها تنهن جا ڪتا ڪائن ڪانو قلب جي مٿي پسو.
2. شيرُ بهادر فاتح شهسوار، صف ٽوڙيندڙ سيد ڏسو.
3. نيرو آسمان حُسين سبب ٿيو زهر حَسن ڪان زهره ٿيو.
4. يمن يا قوت عقيق مڙيئي، رخ سبب سج روشن هو.
5. بلبل باغ ۾ هولي سدائين، سرو سمن جا رقص ڏسو.
6. سج چنڊ پيتيم يار سان جڏهن، ڪوئي حسن ۾ مٽ نہ ٿيو.
7. دل جي ٽيڪ لاءِ حيلا گهڻا هن، زلف واسينگھ قابو ڪيو.
8. عشق عاشق کي ڪنگال ڪري ٿو بي ڪفن شهيد وڃن ٿيو.
9. گل جهڙي صورت بي گهر عاشق، بي وطن رهي هر صبح رڙيو.
10. زلف سنبل منهن گلاب 'مسڪين'، چپ لال ڏند موتي وات عقيق ڏسو.

مُردم از ہجرِ تو حقِ دوستی را یاد کن
گلّہ گلّہ زین دلِ غم دیدہ ما را شاد کن
یا بکش یا زانِ دہ یا رحم کن بر حالِ من
یا کہ ایں مرغِ دلم را از قفس آزاد کن
گشتی و خود شرمگیں گشتی ز خونِ عاشقاں
ملّے گفتیم کاے بیداد گر بیداد کن
اے فراموشی بحالِ دوستاں نبود روا
وے ز لطفت عہدہا با ما کہ بستی یاد کن
از ہوائے آں لبے چوں غنچہ رُخے چوں گلت
اے دلِ نالاں چو بلبل ہر زماں فریاد کن
روئے بنما بر دلِ لالہ ز حسرت داغ نِہ
بر کشا آں طرۂ زنجیر بر شمشاد کن
گل عذارا، پیشِ مسکیں یک دمے چوں گل بخند
سرو قدا، از غمِ ہجراں مرا آزاد کن

*

ڪافي•

ٿل: آءُ ٿي غم ۾ گذاريان الا، سڄڻ ڪا سار لهن،
او.... حق دوستي جو ياد رکن، ڙي سرتيون آءُ ٿي غم ۾....
1. رحم ڪن ڪو وو حال منهنجي تي ميان لا، يا تہ ڪٽي ڪُهن ڙي سرتيون،
دل جو پکي پئي اُڏاريان الا، سڄڻ ڪا سار لهن....
2. مون چيو تن کي وو ڪينڪي ميان لا، رت سان رانديون ڪن ڙي سرتيون،
ظلم ڪان خون وهايان الا، سڄن ڪا سار لهن....
3. روانا هي وو نينهن وارن ميان لا، واعدو وساري ويهن ڙي سرتيون،
قول ڪي ياد ڏياريان الا، سڄڻ ڪا سار لهن....
4. اي دل سهڻي وو صورت سان ميان ل،ا بلبل عشق اورن ڙي سرتيون،
ڪٽيو نيڻ نهاريان الا، سڄڻ ڪا سار لهن....
5 دم هڪڙو هن حزب الله وو 'مسڪين' تي ميان لا، نيڻ ڪٽي تہ ڏسن ڙي سرتيبون،
ديدار سان هيءَ دل ٺاريان الا، سڄڻ ڪا سار لهن....

• طرز: آءُ ويٺي ڪانگ اڏايان الامن ڪي محب اچن

کاش بودے گلِ عذارِ من بمن   مایۂ صبر و قرارِ من بمن !
آسماں! گو تا کجا شد ماہِ من   گوشۂ من انتظارِ من بمن
تا بکے سوزم بآتش دوریش   نالہ جاں سوزد شرارِ من بمن
بیش از سوزِ جنونم میدہد   ایں دلِ امیدوارِ من بمن
بعد ازیں در روزگارِ دردِ غم   کے عنانِ اختیارِ من بمن
ہمچو مجنوں ام پئے لیلیٰ دشی   دشت مجنوں کوہسارِ من بمن
می رود دامن کشاں رنجیدہ   آں بتِ چابک سوارِ من بمن
من برانم تا شود یکجا مقیم   یا الٰہی دوستدارِ من بمن
ایں ہمہ تر دامنی مارا کہ ہست   گریۂ ابرِ بہارِ من بمن
ہمچو طفلم در کنارِ مہدِ غم   ژالۂ چشمِ اشکبارِ من بمن
ہر زمانم تیرگیہا برفزد   ظلمتِ شبہائے تارِ من بمن
صبر چوں صبرست در کامم ہنوز   آفتِ جاں ہجرِ یارِ من بمن
خیز مسکیں کوششے بیجا مکن
نیست دستِ اختیارِ من بمن

*

ڪافي

تل: هَجي ها يار گڏ مون سان، ڪيان ها صبر ۽ قرار،
ٻڌاءِ آسمان ڪيڏهن ويو اهو سهڻو منهن جو منٺار.

1. سڙان مان ڪيترو تُنهنجي، جدائي ۾ جلان جاني،
درد سوز هي رڙيون، ستائيندا رهن ٿا ڏار- ٻڌاءِ.

2. نصيحت تي ڪري دل، سهه پيو سور ۽ صدمان،
ملندءِ پو پرين پنهل، جنهن لاءِ آهين اميدن وار- ٻڌاءِ
3. حياتي غمن دردن ۾ پيو گهاريان، سهڻا سائين،
ڀلا هي واڳ هٿ منهنجي رکي نٿي ڪوئي اختيار- ٻڌاءِ
4. رنج تي دامن ڇڏائي، مون وٽان پيو ٿو وڃي،
آهي هو هوشيار ڏاڍو چالاڪ ۽ چابڪ سوار- ٻڌاءِ
5. تو گهران مان تي رهڻ، محبوب سان هڪ جاءِ تي،
يا الاهي ڪرڪرم، ميل جلدي دوستدار- ٻڌاءِ
6. مجنون وانگر رڳو هلندو رهان، پٺيان ٿو ليلا جي،
اُهي ساڳيا ئي جهاڳيان پيو رڻ پٽ ۽ ڪوهسار- ٻڌاءِ
7. گريہ زاري ڪان گريبان، آلو آ مُنهنجو سدا،
ٿيون وسن اکڙيون ائين، جيئن وسي ڪڪر بهار- ٻڌاءِ
8. لڙڪ اکڙين جا ڳڙا، مون کي ڳارن ٿا مدام،
آهيان غم جي پينگهي ۾، جيئن جهولي ۾ ننڍڙو ٻار- ٻڌاءِ
9. ڪر صبر اجان دير آهي، پوري ٿيندي سڀ مراد،
يار منهنجي جي جدائي، جو ناهي ڪوئي شمار- ٻڌاءِ
10. ڪر نہ ڪوشش آه روش، اٿ 'مسڪين' ماٺ ڪر،
آ هٿ الله جي، ناهي مُنهنجو اختيار- ٻڌاءِ

کیں روا باشد شوم بیتاب از سودائے تو ہر صفت خوبی میرزد از سرت تا پائے تو
صبح دم چوں آمدی اے یار من اندر چمن سرو حیراں ایستاد از قامتِ رعنائے تو
در جہاں بس جستجو کردم و لے کیں یافتم زنگ از دل میبرد آئینۂ سیمائے تو
چوں زباں را در سخن رانی بنطق خوش گوار طوطیاں صد شرمور از لعلِ شکّر خائے تو
چشم جادوئے تو دارد کارِ سودائے خمار مست آہو در ختن از نرگس شیدائے تو
شور نے افتاد در گیتی ز حسنت اے نگار تاج و شاہی بشکند ایں حسن بے پروائے تو

من گدائے درگہت امید دارم کاشکے
جرعۂ مسکیں چشد پر ذوق از دریائے تو

*

ٽل: خوبصورت تون آهين سارو سوداء ۾ بي تاب آهيان.

1. يار جڏهن تون باغ ۾ آئين، سرو قد ۾ نہ حساب لايان.
2. ساري جهان ۾ جستجو ڪيرم، زيارت سان ڪٽ قلب لاهيان.
3. محبوب مٺڙا ٻول جو ٻولين، طوطو پيي شرم سار پانيان.
4. جادو نظر ۾ خوبُ خمار آ، مست هرڻ نرگس چاهيان.
5. حسن تنهنجي جي هاڪ آ هر هنڌ، تاج شاهي تاراج ٿاهيان.
6. درگاهہ ٿُنهنجي جو آهيان سوالي، ’مسڪين‘ ذوق جو قطرو چاهيان.

اے نگارم دوش مے بودیم ہمزانوئے تو   تیغ در سر می گرفت از کافرِ گیسوئے تو
حاش لِلّٰہ گر رسی بر من منت قربان شوم   برفشانم جاں چوں بلبل من برنگ و بوئے تو
جعدِ سنبل را پریشانی   شود در فصلِ خویش   چون بتاب آرد نسیمے تارِ ہر یک موئے تو
کامِ دل دست آرد او باشد کہ بوید گل مراد   قبلۂ حاجات یابد گو کہ بیند روئے تو
ایں مہ و مہرِ منیر از رویت آمد بر فلک   شد شگفت اندر چمن ہر گل ز رنگ و بوئے تو
از نگاہِ غمزہ ات گردوں شود پُر اضطراب   سہمگیں گردد ہژبر زرد بہ لنگِ کوئے تو
گویمت دیوان از درد و جفائے خویشتن   کاش خواہم شد یکے روزے بہم پہلوئے تو

گرچہ در ایں مرز باشم گرچہ در دامانِ حشر
صاف محرابِ دعا مسکیںؔ بود ابروئے تو

*

ٽل: جن ڪئي تنهنجي زيارت دلبر، تن جون مرادون پوريون ٿيون.

1. ڪالهه تہ سهڻا گڏ هئاسون، ور وڪڙ ٿي زلفون ٿيون.
2. قدم پري اچين قربان ٿيان مان، بلبل وانگر فدا ٿيون.
3. زلف جي تار ۾ تاب جو آيو سنبل ۾ پريشانيون پيون.
4. سج چنڊ روشن رخ تنهنجي ڪان، گل چمن ۾ خوشيون ڪيون.
5. ناز نگاهہ سان زمانو ڪنبي ويو شينهن گدڙ بہ لونبڙيون ٿيون.
6. درد جا داستان دلبر ٻڌ تون، ڏي اجازت حاضر ٿيون.
7. هن دنيا يا محشر ۾ ’مسڪين‘، دعا لاءِ محراب ابرو ٿيون.

گیتی شود خراب ز چشمِ خرابِ او — گردوں شود چو آب بہ نیمِ عتابِ او
غمزہ چو گیتی را ہمہ تسخیر مے کند — بُعدِ ہلالِ عید بہ بوسد رکابِ او
صد سال سوختم بتمنائے سیمتن — صد منتِ خداست کہ جانم کبابِ او
در رستخیز کانجا ہر کس بعرصہ تنگ — باشد بکف بگیرم دامن شتابِ او
صد ماہ را بلحظ شرمندہ مے کند — وقتیکہ مے کشاید از آں رُخ نقابِ او
مسکیں چہ تاب آرد ازیں در ثنائے یار
کیں آفتاب علے ناید بتابِ او

* * *

ٽل: قيامت ۾ هوندو حيران هر ڪو آءٌ تہ دامن دلبر جو وٺندس.
1. نظر قهر ڪئي خلق خراب، اگر اشاري آسمان وسندس.
2. اک جي اشاري ڪيو ملڪ مسخر، چنڊ رڪاب جو بوسو چمندس.
3. ساھ ڪيم قربان سؤ سال سڙيم، ڪرم ڪروڙين قادر ڪندس.
4. سج چنڊ تارا لڄي ٿيا، نقاب رخ تان جڏهن لهندس.
5. ثنا يار جي ’مسڪين‘ ڪندو ڪهڙي، سج روشن پيي تاب نہ سهندس.

اے مایۂ حیات لبِ نوش خندِ تو
کابِ حیات کم ز لبانت چو قندِ تو
چوں نقشِ پا بخاک رہت برامیدِ وصل
تا چند انتظار کشد مستمندِ تو
ناصح برِد فسانۂ افسوں دگر مخواں
تاثیر در دلم نکند وعظ و پندِ تو
گفتا طبیب بہرِ علاجِ مریضِ عشق
جاں بخش دارویست لبے ہمچو قندِ تو
تابندہ باد ہمچو مہ و مہر عارضت
پایندہ باد قامتِ سروِ بلندِ تو
تا چید دانۂ، دلِ مرغم ، اسیر شد
در پیچ و تابِ کاکلِ مشکیں کمندِ تو
از حسرتِ فراقِ تو، از رنجِ بیکسی
تا کے بآہ و نالہ بود دردمندِ تو
جاں در ہوائے عشقِ تو دادن نہ مشکل است
آساں بود بعاشقِ مشکل پسندِ تو
مسکیں رضائے یار سراسر سعادت است
برخور پسندم آنچہ بود دلپسندِ تو

ڪافي

ٿل: قيد ٿيو ڪڻو ڪڻي، دل جو پڪي دلبر وٽ،
زلفن جي وڪڙن ۾، آ ويو ونجي جهٽ پٽ.

1. مرڪ لبن جي منٺڙي، ساھ مُنهنجي آ ڏنڙي،
لب شيرين آب حيات، اهي ڪلئي ڪمتر ڪٽ.

2. وچ ملا پيچ پري، ٽوڻا ڦيڻا پڙھ نہ مٿان،
وعظ نصيحت مون کي، ڪن ٿا گهڻو اثر گهٽ.

3. ترت طبيب چيو حبيب، عشق مريض جو علاج،
چهرو بس شفا بخش، چپڙا چمي هي چرپٽ.

4. تُنهنجا رخسار چمڪيدار، سج چنڊ کان قيامت تائين،
رهي قائم قد تُنهنجو ڪڻي تون سرو صنوبر پٽ.

5. اهڙي فراق حسرت کان، رنج گهڻي ڪثرت کان،
درد وندي دل فرقت کان، ٿئي نہ ٿي ڪارڻ گهٽ.

6. ڪرڻ قربان دل ۽ جان، آ آسان مشڪل ناھ،
پسند پرين کي جي آھ، آيو عاشق ڪڻي سرڪٽ.

7. سيئي سور سهہ مٿي نور، دل پسند جي دلبر،
‘مسڪين’ مرضي محبوبن جي، سعادت آ نہ منور مٿ.

اے چون صد جلوہ کردی ہر جا تو
جانب کس نہ بینم الا تو
جزو باکل کہ مجتمع گردد
ما ہمہ قطرہ ایم دریا تو
آنچہ از ہجر مے رود برسرم
کہ دہد شرح حال من با تو
بخت و دولت ترا مبارک باد
ما ہمہ بندہ ایم آقا تو
قسم بازنی ذطیفۂ لب تست
اے دلِ مردہ را مسیحا تو
بخط و خال و زلفِ پرنیرنگ
ہیچ کس دل نبردہ الا تو
ہمہ جا رفتم و چہ خوش دیدم
بدر و کوہ دشت و صحرا تو
گر بود رند ور بود زاہد
ہمہ را خوش پناہ ماویٰ تو
بدو عالم فرو نیارم سر
حاصلِ من ز دین و دنیا تو

در دو عالم بس است مسکیںؔ را
از ہمہ خویش و دوست مولا تو

*

ٿل: مان تہ ڏسان تو ڏانهن سهڻا، هر جا جلوا ڏيکارين ٿو
جانب جلوا ڏيکارين ٿو سوين سينگار سينگارين ٿو.

i. ڪل جماعت قطرو بہ ناهيون، تون نور جا درياءِ ڏارين ٿو.
2. حال منهنجي تي جيڪي گذريو نٿو پڇين ڪيئن گهارين ٿو.
3. بخت دولت آ مبارڪ تو کي، آقا ٻانها سنڀارين ٿو.
4. قُم بِاِذنِي چئي پنهنجي چپن سان، مثل مسيحا جيارين ٿو.
5. دليون اسان جون لال لٽي وئين، نيرنگ زلف نڪارين ٿو.
6. پٽ پهاڙ ۾ صحرا بر ۾، تن ۾ تون هي اٿارين ٿو.
7. ملا هجي توڙي رند موالي، سڀ جون دليون ٺارين ٿو.
8. هر دو عالم نيڻ نہ ٺارن، دين دنيا ملن جي نهارين ٿو.
9. دوست مِٺن ۾ آن منهنجو سائين، ’مسڪين‘ ٻئي جهان اجارين ٿو.

مثلِ تو ماہِ خوباں چشمِ جہاں ندیدہ
روئے چو ماو رویت ایزد نیا فریدہ
زیر و زبر فلک شد مہ شد بداغِ حسرت
چوں تو خطِ شبلبے بر عارضت دمیدہ
من خواستم ز قرآں والشمس والضحیٰ را
بر یادِ رویت اے مہ میخوانم ایں قصیدہ
انوارِ رویت اے مہ افتاد چوں بگلشن
صد لالہ را ز حسرت در نافِ خوں طپیدہ
بازم بگو تو دلبر از فرقتِ تو تا چند
باشیم چوں سمندر در آتش آرمیدہ
خورشید و ماہتابے مثلت ندید روئے
سمعِ زماں نہ ہرگز مثلِ تو کس شنیدہ
از ناوکِ نگاہت عشاق گشتہ یکسر
مژگاں چو تیر کردہ ابرو کماں کشیدہ
اے کاتبِ دو ابرو از مدِّ بسملہ اش
بنویس نقشِ عشقم زاں شوخ بر جریدہ
از عظمتِ قدِ تو اے سروِ باغِ جنت
گردن زمانہ سرکش در پائے تو خمیدہ

اے شہسوار آئی چوں اندرونِ ہامون
مسکیں فقیر گیرد فتراکِ تو دویدہ

*

ٿل: اکين دنيا جي تو جهڙو دلبر، ڪين ڏٺو آ ڪڏهن ڪاٿي،
سهڻو چنڊ کان مٺڙو رهبر، نه خلقيو خدا نه خلقيندو ڪاٿي.

1. ته بالا ٿيو فلڪ ۾ تڏهين، چنڊ تي ٿي پيا داغ ڪاٿي.
2. والشمس والضحيٰ قرآن کوليم، شان قصيدو پڙهيم ڪاٿي.
3. رخ جي تجلي گلشن تي پئي، دل لالئه جي ٿهڪي ڪاٿي.
4. فراق تُنهنجي ۾ دلبر ڪيسين، باهه ۾ سڙنداسين ڪاٿي.
5. حسن تُنهنجو سج چنڊ نه ڏٺو آ، ڪنن نه ٻڌو زماني ڪاٿي.
6. ڪمان ابرو تير ٿيون پنبڙيون، فنا عاشق ٻه ڪنديون ڪاٿي.
7. بسم الله ڪاتب لکيون ڀروان، عشق جو نقشو لکيو ڪاٿي.
8. جهڪيل قدمن ۾ سرو صنوبر، باغ جنت ٿا مٿ ٿين ڪاٿي.
9. شهنشاهه شڪار تي اچي جڏهن، فقير ‘مسڪين’ سان ملندو ڪاٿي.

چوں تو گلے برآید از غنچۂ دریدہ
گردوں شود بحیرت با دیدۂ دریدہ

برقع چو برکشیدی عشاق را کشیدی
صبح و مسا فتادی آرام برگزیدہ

گلہے روا نباشد بجنابِ حضرتِ تو
عشاق زار و گریاں تو بس کہ آرمیدہ

ایام چند با او بُردم بہ نیک نامی
آں رام آہوئے من از من چرا رمیدہ

بودیم ہر دو باہم با عیش و مجلسِ مے
شب و روز گرد انجم اغیار میدویدہ

من در شرابِ بیغش در بزمِ دلبرانم
باشد کہ ایں خبر را اغیار ہم شنیدہ

از یک نگاہِ حشمت حیراں گشت نرگس
غزالہ را براندی چشمِ سیہ کشیدہ

تسخیر کرد آں شوخ از ہند و روم تا شام
چوں لالہ گوں برِ خود تنگِ قبا کشیدہ

بر چہرہ ارغوانش چوں نم عرق برآمد
صد قطرہ ہائے شبنم از روئے گل چکیدہ

در رستخیز گویم با آں رقیب بدکیش
بنگر تو سروِ ما را با ناز پروریدہ

عقبٰے کسے و دنیا با حور و خلد جوید
در دو جہانِ مسکیں روئے ترا گزیدہ

⁂

ٿل: جڏهن مڪڙي مان گل ظاهر ٿيو حيرت مان تارو ڪليل رهيو.

1. برقعو هٽائي ڪهي عاشق کي، پاڻ آرام سان ستل رهيو.
2. درست ناهي درگاهه تنهنجي ۾، محب جو عاشق ڪٽل رهيو.
3. خدمت ۾ ڪي ڏينهن گذاريم، راڻل مون ڪان رٺل رهيو.
4. عيش عشرت سان گڏ گهاريوسين، دشمن نجومين مُٺل رهيو.
5. خالص شراب پيو پيان پرين سان، حال ٻين جو ٻڏل رهيو.
6. هڪ نظر سان مست نرگس ٿي، چشمه سيه هرڻن هُل رهيو.
7. پوشاڪ پهري آيو لال گلابي، روم شام هند شغل رهيو.
8. ارغوني چهري پگهر جا قطرا، شبنم مٿان گل رهيو.
9. قيامت ۾ چوندس دشمن ڪميني کي، ناز پرور بي مثل رهيو.
10. دنيا حور جنت ڪو طلبي، ’مسڪين‘ کي ڪافي پنهل رهيو.

خوشا وقتے کہ آں یارِ یگانہ
بما بنشید و آید بخانہ
من و دل روزِ اول وعدہ بستیم
بجام و شاہد و چنگ و چگانہ
شدم بدنام از عشقِ پری رو
گزاں تا آں گراں خانہ بخانہ
من از رنداں سبق را یاد کردم
مخواں اے زاہدا دیگر فسانہ
ایا ملا ز ملائیتو بِستم
توئی ملا بمکتب شورِ وانہ
سجودِ من بمحرابِ دو ابروست
اگر در کعبہ میخوانم دوگانہ
بمسکیں شد عطا ایں نعمتِ عشق
ز غیب ایں مژدہ آمد غائبانہ

*

ڪافي•

ٽل: يار گهر ايندو مُنهنجي، دلدار گهر رهندو ميان،
اُهو وقت آ خوش بخت ڏاڍو يار گهر ايندو مُنهنجي.

1. دل منهنجي ۾ مان ڪيو وعدو وفا جو ازل کان،
جام ۾ آواز سان وفادار گهر ايندو مُنهنجي.
2. گهر گهٽين ۾ ڳوٺ ڳلين عشق ۾ بدنام هان،
رندن سيکاريو سبق محبتدار گهر ايندو مُنهنجي.
3. ملا وڃي مڪتب وساءِ اي ملا تون وچ پريءِ،
ٻيا قصا ڪين آءٌ سڻان سينگار گهر ايندو مُنهنجي.
4. ڪعبي جو محراب ڀانيان يار جا ابرو ٻئي،
جنهن کي ڪيان سجدو سو سرڪار گهر ايندو مُنهنجي
5. حزب الله اها آ عطا ’مسڪين‘ عشق جي نعمت نصيب،
غيب کان هيءَ خوش خبر غمٽار گهر ايندو مُنهنجي.

• طرز: يار گهر آيو منهنجي دلدار گهر آيو ميان

بنگر کہ یارِ من بچہِ عنوان برآمدہ   کز باغِ حسن سروِ خراماں برآمدہ
دشنامِ یار قند و نبات ارچہ تلخ گفت   شیرینیے ز شورِ نمکداں برآمدہ
تا ناوکِ خدنگ تو در سینہ ام نشست   آوازِ حسرت از دل پیکاں برآمدہ
آں خالِ ہندوی بزنخدانِ یار من   چوں یوسفے کہ از چہِ کنعاں برآمدہ
قد جرت العیون لفی لیلۃ الفراق   ہر قطرۂ سرشک چوں طوفاں برآمدہ
دامن گرفت آتشِ عشقِ تو آنچناں   کز پائے تا بچاک گریباں برآمدہ
از رنگِ دستِ یار عیانست بنگرید   خونِ دلم ز پنجۂ مرجاں برآمدہ
ایں شبنمِ عرق کہ سرِ غنچۂ لب است   آبِ خضر بچشمۂ حیواں برآمدہ
مے خورد و مست گشتہ بترکِ لباس گفت   دیوانہ را بہ بیں کہ چہ عریاں برآمدہ
داغِ نہاد بر دلِ پروانہ ہمچو شمع   چوں آہ و نالہ از دلِ سوزاں برآمدہ
از بادۂ شبانہ چو گردید مستِ یار   پیمانہ را شکست ز پیماں برآمدہ
مسکیں بگیر جام بر آوازِ چنگ و نے
چوں لیغفر الذنوب ز قرآں برآمدہ

*

غزل

ٽل: ڪھڙي عنوان سان مُنھنجو يار ڏس ظاهر ٿيو آهي،
حسن جي باغ مان ٽِلندو جڻ سرو ٻاهر ٿيو آهي.

1. گاريون يار جون گلقند، نباتون توڙي هن ڪڙيون،
اهڙو منڙو مزو لوڻ مان، لائق لالڻ مليو آهي.

2. جڏهن کان منهنجي سيني ۾، پري ڀالو ٻڃيو اٿئي،
دِلّ کان حسرت وچان رڙڻ ڪوڪڻ ٿيو آهي.

3. مُنهنجي محبوب جي ڪاڏي ۾ ڪارو تر جو نيشان،
ڄڻ ظاهر ڪنعان جي کوهه مان، حضرت يوسف ٿيو آهي.
4. فراق جي رات ۾ اکيون، ٿيون وهائن خوب ڳوڙها،
طوفان جان هي مُنهنجي لاءِ، قطرو هر هڪ ٿيو آهي.
5. عشق جي باهه دامن ۾، لڳي ٿُنهنجي وري اهڙي،
پيرن کان گريبان تائين، سڙي سڀ ڇار ٿيو آهي.
6. صاف هٿ رنگ يار جو ٿو پڌائي هي خبر،
دل جو رت مرجان جي، مُٺ مان ظاهر ٿيو آهي.
7. مکڙي جهڙي لبڙن تي، عرق شبنم آ پيو
جيئن خضرتي آبِ حيات، چشمو جاري ٿيو آهي.
8. مست عاشق پي نشو پوشاڪ اڇلي ٿو چوي،
هن چريي کي ڏسو ڪيئن اگهاڙو ٿيو آهي.
9. سڙيل دل مان جڏهن آهون، درد جون دانهون ٿيون نڪرن،
شمع پرواني جي دل تي، زخم ظاهر ڪيو آهي.
10. جڏهن ٿيو مست پي پيالو نشي جو يار آ منهنجو
ڇڏيئين انجام سڀ ٽوڙي، ليڪو لنگهي ويو آهي.
11. سڏي وٺ جام محبت جو مزو 'مسڪين' ساقي کان،
يغفر الذنوب گناهن کان، قول قرآن ڪيو آهي.

چوں عارضِ خوبِ تو مہ و مہر ندیدہ   نے دیدۂ کس دیدہ و نے گوش شنیدہ
درداکہ شقائق زغمت فرقۂ خوان است   ہر غنچہ شد از شوقِ رخت جام دریدہ
خونِ دل شیداز سرِ نیشترِ غم   شد رنگِ حنا بر کفِ پائے تو رسیدہ
ایں دردِ دلِ ماست کہ از آتشِ عشقت   خطے شدہ بر گردِ رُخِ ماہ کشیدہ
از رشکِ لبت لعلِ بدخشاں ہمہ خونست   وز خونِ شہیدانِ غمت لالہ دمیدہ
غوغائے جمالت چو ببازار عیاں گشت   در مصر کسے یوسفِ مصری نخریدہ
در نافۂ آہو نشدے خونِ گرہ مشک   تا بوئے ازاں طرۂ مشکیں نشمیدہ
شد پا بگِل از رشکِ تو صد سرو صنوبر   سروے چو قدِ تو بخیاباں نہ چمیدہ
رم خوردہ و بگریختہ استادہ و دیدہ   ایں آہوئے مست است عجب طرفہ رمیدہ
در مکتبِ عشقِ تو ادیبم سبق آموخت   خوبانِ جہاں خطِ غلامی تو کشیدہ
مسکیں چو مرا درس ادیبِ ازل آموخت
ثبت است ہماں حرفِ محبت بجریدہ

*

ڪافي

ٿل: خوبصورت آ محبوب، جنهن جو ناهي ڪو مثال،
اک ڏٺو نه ڪن ٻڌو سچ چنڊ کان بي مثال.
1. غمن دردن ۾ شفيق گل فراقن ۾ سدا،
شوق ۾ هر غنچو مکڙي حال کان ٿي آ بي حال.
2. خون دل عاشق جو غم ۾ ويو سڙي نشتر سان سيءَ،
ٿنهنجي قدمن ۾ آ پهتو رت ميندي جي مثال.

3. عشق جي آتش آهن، درد جا دونهان ڪڍيا،
چنڊ جي چوڌار جيڪا ليڪ آهي دل جو حال.
4. لال لب موتي بدخشان، رِيس ۾ رت سان ڀريل،
غم شهيدان رت ۾ ٿيو آ گلاب جو گل لال.
5. حاق تنهنجي حسن جي هلي، بازار ۾ خوشبو ڪُلي،
مصر ۾ يوسف سهڻو ناخريدي ڪو دلال.
6. زلف ٿُنهنجي ڪي سنگهڻ سان، ڌُن هرڻ جي مشڪ ٿيو
ورنہ ٿين ٿيون ڦينگٽيون، هرڻ جي هر هڪ مال.
7. ريس ڪان سوين صنوبر، سروَ شرمندا ٿيا،
مٿ نہ ٿُنهنجو باغ ۾، قد جو آهي ڪمال.
8. عجب ٿاهڙ آ مست هرڻ، هي طرف ڪهڙي ٿو وڃي،
ٿپ ڏيئي آ ڀڳو بيهي ٻوڙيو ڏيئي ڇال.
9. عشق جي مڪتب ۾، استاد آ سبق ڏنو
دنيا جي سهڻن آ لکيو ڇا غلامن جي مجال.
10. ازل جي استاد جيڪي، 'مسڪين' مون ڪي پاڙهيو
سبق سارو روءِ زمين تي، حرف محبت قيل قال.

ساقیِ ما باز افسوں در شراب انداخته
شیخ و شاب از جرعه اش مست و خراب انداخته
تارِ زلفِ عنبرینش را که پیچ و تاب داد
رشتهٔ تدبیرہا در پیچ و تاب انداخته
فیضِ جامِ چشمِ مستش بیں که از تاثیرِ او
مفتیانِ شہر دستار و کتاب انداخته
وه که طوفانِ سرشکِ ما نظیرِ قلزم ست
زورقِ صبرم بموج و اضطراب انداخته
قطرهٔ عرق از رخِ ساقی که در ساغر چکید
شبنم اندر کاسهٔ لعلِ گلاب انداخته
خاست مجنوں در ہوائے محملِ لیلیٰ چو گرد
رفته رفته پائے در موجِ سراب انداخته
سیم بر سیماب طبع و گردشِ چشمِ سیہ
عاشقِ شوریده را در اضطراب انداخته
حالتِ مسکینِ من بنگر بحالم کن کرم
ایں منم در خاک و خوں خود را خراب انداخته

*

ٽل: جلوي ٽُنهنجي ساڻ جناب، جوان پوڙها سڀ مست تي ويڙا.

1. زلف معطر اهڙا ڪوليائين، ڳنڍيون سڳي ۾ آيون شتاب.
2. مست نظر ۾ فيض اثر آ، مُلن مفتين ڪيا ڦِٽا ڪتاب.
3. ڳوڙها اسان جا سمنڊ درياءَ، صبر جي ٻيڙي اضطراب.
4. منهن منور ڦڙا پگهر جا، شبنم قطرا گل گلاب.
5. مجنون ليلا جي عشق سواري، هلي هلي ٿيو سڃ سيراب.
6. ڪجلا نيڻ محبوب منهنجي جا، عاشق گهوري سِرُ اسباب.
7. نظر ڪرم رحم 'مسڪين' تي، خاڪ ۾ خون ۾ پانيان ثواب.

مائیم جا بکوئی دلآرام ساختہ خوش مامنی ز محنتِ ایام ساختہ
از ہر دو ابروئے تو بر آں مصحفِ رخت دستِ قضا دو سلحہ ارقام ساختہ
گیسوئی عنبرینِ تو و چہرۂ چو ماہ بنگر چگونہ کفر باسلام ساختہ
آں پیرِ میفروش کہ عمرش دراز باد زہد و عبادتم گرد جام ساختہ
از گیسوئے خود آں بتِ صیاد بے حیا از بہرِ مرغِ دل چہ عجب دام ساختہ
من خود بخود نہ بر سر بدنامی آمدم عشقِ توام گرفتہ و بدنام ساختہ
مسکیں دلت زہر دو جہاں میرمید لیک
از مدتی بکوئی دی آرام ساختہ

*

غزل

ٿل: هرو پرو خود خوار نہ ٿيس، ڇڪي عشق ٿُنهنجي بدنام ڪيو
عشق ٿُنهنجي بدنام ڪيو، ڇڪي برهہ تنهنجي بدنام ڪيو.

1. در اوهان جي دلربا، آرام لاءِ دل کي رکيم،
سختي زماني جي ڏسي، جاءِ پناهہ هٿ ۾ ڪيم،
دست قضا ابرو بنائي، کهي مون کي قتلام ڪيو.
2. چمڪندڙ چهري مٿان، زلف مشڪندڙ مڙن،
سڀ عبادت ۽ رياضت، هڪڙي جلوي ٿا جهٽن،
انهي پير کي مولا ڏينهن ڏي، جنهن گڏ ڪفر اسلام ڪيو.
3. عشق جي ڳاري عجب ۾، دل جي پکي کي قيد ڪيم،
مدت پڇاڻان محب وٽ، آرام جي اميد ڪيم،
’مسڪين‘ ڪيو هر دوجهان کي، هو هميشہ سلام ڪيو.

پیرِ ما گفتہ کہ بس ترکِ ریا از ہمہ بہ   طالباں را روشِ صدق و صفا از ہمہ بہ
نالۂ نیم شبی دردِ دعائے سحری   بہر بخشائشِ عصیان و خطا از ہمہ بہ
واعظاں جلوہ کہ در منبر و محراب کنند   زاں میاں عاشقِ شوریدہ قفا از ہمہ بہ
نامۂ شوق مرا آنکہ بتو عرض دہد   قاصدے زود رسے بادِ صبا از ہمہ بہ
گل ریحاں، سرو قداں، لالہ عذرانِ چمن   دلستانند ولے دلبرِ ما از ہمہ بہ
روئے تو کعبہ ما باعثِ اقبالِ دعاست   کہ بمحرابِ رخت عرضِ دعا از ہمہ بہ
بسکہ خوبانِ جہاں چہرہ فروزند ولے   جلوئے روئے نکوئے تو مرا از ہمہ بہ
چہرۂ حسن اگر زہرہ جبیناں دارند   طلعتِ روئے تو اے ماہ لقا از ہمہ بہ
نکہتِ گیسوئے مشکیں بکشاید دلِ من   کیں نسیمِ سحری غنچہ کشا از ہمہ بہ
چوں نعیمِ دو جہاں را بہ نظر سنجیدم   یار شائستہ پر از ناز و ادا از ہمہ بہ
بے تو بر کعبۂ مقصود کسے رہ نبرد   بارک اللہ کہ توئی راہ نما از ہمہ بہ
دوش در مدرسۂ عشق ادیبم آموخت   یاد کردنِ سبقِ خوف و رجا از ہمہ بہ
گمرہے را کہ رہِ کعبۂ مقصود نیافت   بال چوں مرغِ دلِ قبلہ نما از ہمہ بہ

دلِ مسکیں نکند میل بہ داروئے طبیب
آرے آرے کرم و لطفِ شما از ہمہ بہ

*

مدح

ٽل: فرمايو مرشد هادي، تڪبر ڇڏ بهتر آ.
مريدن لاءِ عادت هي صفائي سچ بهتر آ.

1. گناهن جي بخشش لاءِ سحري جي دعائن ۾،
درد پيري دانهن سان آڌي رُت بهتر آ.

2. منبر محراب ۾ ملا ڪندا واعظ وڏي واڪي،
مگر رڙ مست عاشق جي ان ڪان وڌ بهتر آ.

3. منهنجو هي شوق جو پيغام، تو وٽ جلد پهچائڻ لاءِ،
قاصد جي ڪم همتي کان، باد صبا بهتر آ.
4. سرو قد گهڻا سهڻا، گلن جهڙا مٺا ماڻهو
ڳلن ڳاڙهن کان منهنجو دلبر، پيرا لک بهتر آ.
5. منهن محبوب جو ڪعبو دعائن جو وسيلو ڪيان،
رُخ انور تصور سان، دعا گهرڻ بهتر آ.
6. دنيا جا گهڻا سهڻا، رکن روشن پنهنجو چهرو
مگر ماه لقا مُنهنجو مبارڪ منهن بهتر آ.
7. اگر زهرا ۽ حسين چهرا رکي ڪو ساري دنيا ۾،
مُنهنجي محبوب جو جلوو نما سڀ کان بهتر آ.
8. زلف مشڪين جي خوشبو خوش ڪيو دل منهنجي کي،
ڪلڻ مکڙي گل جي لئہ اها هير کان بهتر آ.
9. نعمتون مولا جون مڙئي، ٻنهي جهانن جون گڏيم،
بس سهڻل ناز و ادا ۾ سڀن کان بهتر آ.
10. ڪونہ پهتو ڪعبہ تائين، ريءَ رهبر مقصود تو
الحمد لله هڪ ئي رهبر، ڪل کان بهتر آ.
11. مدرسہ عشق ۾ استاد، پڙهايو پئي سبق سهڻو
اميدن سان ٻڌڻ گهرجي، اهو تو لاءِ بهتر آ.
12. ڪعبو مقصد جو بي راهہ کي، ڪين مليو جنهن سبب،
دل جي خيالي پکي جان، قبلو ڏيکارڻ بهتر آ.
13. دل طبيبن جي دوا لاءِ ڪين ٿي ’مسڪين‘ چئي،
لطف وڪرم سائين تنهنجو سڀ کان بهتر آ.

با یار درآویخته ز اغیار رمیده
مقراضِ غمت رشتۀ امید بریده
افسوس صد افسوس کہ آں زاہدِ خودبیں
یک جرعہ از جامِ محبّت نچشیده
ایامِ بہارست و شبِ وصلِ نگارست
خوش وقت نسیمِ طرب انگیز وزیده
بنوشت خطِ بندگیت بلبلِ مسکیں
تا سبزۂ تو گردِ رُخت خط بکشیده

*

غزل

ٿل: يار سان دل آ لڳي، اغيار کان بيزار آ،
غمڙا ڇڏيا ڪينچي ڪٽي، جنهن لاءِ اميدن وار آ.
1. افسوس صدا افسوس، مغرور ان ملا مٿان،
جنهن نہ چکيو جام محبت، هڪ ڦڙو لاچار آ.
2. دل ٺاريندڙ هير هلي ٿي، وقت آ ڏاڍو سٺو
وصل جي آ راتڙي، ڏينهڙي بهار آ.
3. بلبل بڻي ٻانهي پنهل جي، ڳيت ڳائي پئي سدا،
’مسڪين‘ مُنهن محبوب جي چوطرف سينگار آ.

طلعتے چوں ماہ و پروین خویش پیدا کردہ ای
عاشقِ مسکین را بر خویشتن شیدا کردہ ای
شوخ و شنگ اے یارِ من بایک نگاو غمزہ وات
صد ہزاراں جاں فدا بر روئے زیبا کردہ ای
کاکلِ مشکینِ تو بر قامتے افراختہ
طرۂ شب رنگ را بر ماہ سیما کردہ ای
صبحدم در گلستاں چو آمدی اے یارِ من
غنچہ با دامن کشاں پیمانہ پیما کردہ ای
خواہمت پیچم بقدِ سروِ تو اے دلستاں
در دلِ مسکینِ شیدا ایں تمنّا کردہ ای

*

مدح

تل: چنڊ تارن کان سهڻي صورت پنهل ڪئي اٿئي،
مسڪين عاشق حر هزارين، جملي جماعت ڪئي اٿئي.
